- اوم سائين رام -

شري جڳت داتا - وشو وداتا




سائين شرڊي بابا



ستگرو شري شرڊي سائين بابا

[illegible]
[illegible]

EVER YOUR ARE FONDLY REMEMBERED...



Wife. Mother, Mother-in-law, Grand-mother, sister. Friend...... & Well Wisher...

Smt. Anita Kewalramani, left us for her heavenly abode on 23rd January, 2012 after a span of 81 years with us, but she continues to live in our hearts & memories.

Life is all about Learning, Respect, Courage, Strength, Dignity, Pride and Sharing Joy.... and YOU were all about that.

May YOUR soul rest in Eternal Peace...

We miss you.

K E W A L R A M A N I

Kamal **Simran**



Lalit **Deepa**

Family & Friends

Add. : B-2-102, Goyal Intercity, Drive-in-Road,
Thaltej, Ahmedabad-380054.



- اوم سائين رام -



ستگرو شري
شرڊي سائين بابا

(اُپديش ۽ سکيا)

ليکڪ : ڪيولراماڻي ڪمل پياسي

بي-٢-١٠٢، گوهل اِنٽرسٽي، سال هاسپيٽل روڊ،
ڊرائيو اِن روڊ، ٿلتيج، احمدآباد-٣٨٠٠٥٤.
فون : ٠٧٩-٦٥٢٢٤٦٠٣ مو. ٠٩٢٢٧٢٠٩٣٧٧

ڇپائيندڙ : لليت ڪيولراماڻي ڪاپيون : ٥٠٠
قيمت : سڪ، شرڌا، شڌ ڀاونا ڇاپو پهريون : سال ٢٠١٢
ٽائيپ سيٽنگ : سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام

Om
Sai Ram


Satguru Shri
Shirdi Sai Baba

Divine
thoughts
& Teachings

Author: Kewalramani Kamal Pyasi
B - 2 - 102, Goyal Intercity, Drive-in-Road,
Thaltej, Ahmedabad - 380054.
Ph. : R - 65224603 Cell: 9227209377

First Edition : 2012 **Copies :** 500
Price : Sik - Shradha - Shudh Bhavna
Publisher : Lalit Kewalramani
Type Setting : SindhiGulab.com
E-2, B/h. Naheru Childern Park,
Kubernagar, Ahmedabad - 382340. Tel.: 22805454

هن ڪتاب جو گهڻو تڻو مواد انگريزي پستڪ 'SHRI SAI SATCHAR' تان کنيل آهي. هيءُ پستڪ شري هيماد پنت جو لکيل آهي ۽ شري سائين بابا سنسٿان شرڊي دواران ڇپايل آهي ۽ ١٩٢٦ کان هي ڪتاب ڇپجندو رهيو آهي. ٢٠٠٢ع تائين هن پستڪ جا ٢٠ ڇاپا نڪري چڪا آهن ۽ هرهڪ ڇاپو ادائي لکه ڪاپين جو هوندو آهي. قيمت صرف 20 رپيا. ڪ.پ.





شڏ ياونا، سک ۽ پيار ڏنو هن جن کي

سي ئي کيس ياد کندا رهن ٿا،

هر گهڙيءَ هر پل پک اَٿن تہ

هوءَ کندي هوندي انهن سيني کي .آشيرواد.

شڀ اِڇائن سان

١- شريمتي کملا (ميران) پريتم-کرناڻي - چڪاگو.

٢- شريمتي ڪانتا سترام ايسراڻي - کار ممبئي.

٣- شريمتي ديا لکي جشناڻي-اُلهاسنگر-٥.


۴- شري هريش ڀڳوانداس ٻالاڻي-باندرا-ممبئي.

٥- لليت-ديپا-سُمرن-کيولراماڻي-احمدآباد.

Add. :
B-2-102, Goyal Intercity,
Drive-in-Road, Thaltej,
Ahmedabad-380054.
Phone : (079) 65224603
Mob. : 9227269377 / 9227259377

سمرتي پيٽ

سدا حيات شريمتي آنيتا - ڪمل - ڪيولراماڻي



27-08-1931 to 23-01-2012

Fondly Remembered & Deeply Missed

The everlasting Memory - Missing your Love
Affectionate Nature, honour every minute
Pray for your soul to be eternal peace.

To live in Heart left behind is not to die

You are with us
Kewalramani - Kamal - Lalit
Deepa - Simran - Family & Friends
Ahmedabad - Mumbai - Lucknow

Phone : (02114) 269303
M. : 09822111710

AMRIT VELA ASHRAM

Holly Mission of Guru Nank
Pune - Mumbai Highway, Near Rajmachhi Point,
Khandala-410301 (Dist. Pune)

Dt. : 12-03-2012

نرمل آتما - ڳڙوان ڀاءُ ڪمل - قربائتي نمسڪار-

ايشور ڪرپا هر طرح پريوار سميت خوش آنند ۾ رهو. جاڻي ڪري ڪافي افسوس ٿيو جو ڀيڻ انيتا سنسار جو سفر پورو ڪري الڪدام ڏانهن راهي ٿي. دل مان پرارٿنا نڪتي تہ ايشور هن پوتر آتما کي پنهنجن چرن ڪملن ۾ نواس بخشي. ٽپال ڪاتي جي دير ڪري هتي اخبارون وغيره تمام دير سان ملنديون آهن. وري اڄ ڏهاڙي سداحيات انيتا جو لکيل پستڪ ”ناري نور جهان جو“ مليو آهي. پڙهي ڪري اِن بابت رايو بہ لکبو.
پيار ٻارن لاءِ ۽ ڀڻ توهان لاءِ قرب ۽ پيار.

آسرو نام جو - قربن مان

شيوا ۾ : ڀائو هيمن



دلفريب سخن جي راڻي - هڪ اديب جي پتني
جيون جي ٨١ سالن جو سفر پورو ڪري
وڃي مالڪ جي موهڪ مندر ۾ ٿانئيڪي ٿي.
سدا حيات شريمتي اَنيتا-ڪمل-ڪيولراماڻي
واقعي ٿي، هوءَ هئي ”ناري نورجهان جي“

- - - - - - - - - - - - -

With best compliments from :

Shri Anand S. Ahuja
Special executive officer
Govt. of Maharashtra

1, Amber Craft,
315, Dr. Ambedkar Road,
Khar (W),
Mumbai-400052.
Tell. : 022-26481464 / 26483858

هندواسيءَ جي لوڪپريہ ڪالم سهڻا سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل

شري ڪمل پياسي - هڪ علحدي شخصيت



ماڻهو مڙيوئي نہ سهڻا، پڪي مڙيوئي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

شري ڪمل پياسي بہ آهي هڪ اهڙي شخصيت، جو سنڌيت شيدائي آهي، جنهن ۾ سنڌيت جا گڻ ئي پريا پيا آهن، مونکي سنڌس لاءِ لکندي خوشي آهي، شل اَهڙا شخص اسان جي سنڌيت جو شان وڌائين ۽ خوب وڌائين.

شري ڪمل پياسي (.B.Sc.(Hons، فشريز سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ، گجرات فشريز سروس ڪلاس-1، تعليمي وياڳ گجرات سروسر-2 ۽ نئشنل ڊيولپمينٽ جي هانرري ڊگري ورتل، ورلڊ ڊيولپمينٽ پارليامينٽ، نئي دهليءَ طرفان اِنعام سان نوازيل فشريز خاطي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر طور (رٽايرڊ) ۽ گجرات ساهتيہ اڪادمي، گانڌينگر ۾ ڀاشائن (سنڌي، اُردو) جي اڳوٽي اَسسٽنٽ ڊائريڪٽر جون واڳون سنڀالي چڪو آهي. هو هڪ مشهور ڄاتل سڃاتل شاعر، ليکڪ ۽ ناول نويس آهي. سنڌس لکيل رچنائون ۽ ليکہ ڪيترين ئي پبليڪيشن ۾ آيل آهن. هو ڪيترن ئي انعامن جو وجيتا رهي چڪو آهي. سنڌس جنم 29 جنوري 1929 ۾ جيڪب آباد شهر ۾ ٿيو.

سنڌي ساهتيہ ۾ پياسيءَ کي هڪ هرفن مولا ليکڪ طور ڄاتو ويندو آهي. سنڌس 78 ساهتيہ رچنائن ۾ ناول، ڪهاڻيون، گيت، شعر ۽ ٻارن لاءِ ننڍيون ڪهاڻيون پڻ شامل آهن. تنهن ڪانسواءِ ڌرمي ڪتابن جهڙوڪ سکمني صاحب، هنومان چاليسا، گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، گرو گرنٿ صاحب ۽ ٻين ڌارمڪ رچنائن جو هو سنڌيءَ ۾ ڪاميابيءَ سان ترجمو ڪري عام جي واهہ واهہ جيتي چڪو آهي. هن جهوليلال چاليسا بہ سنڌيءَ ۾ آندو آهي. ايشور ۾ پورن وشواس اٿس. هر پل مالڪ جو واسو محسوس ڪندو آهي ان ڪري سنڌس ڪيترا ئي ڌارمڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

سنڌي ڀاشا ۾ مشڪل سان ڪا اَهڙي اخبار يا مخزن هوندي جنهن ۾ سنڌس رچنائون شايع نہ ٿيون هونديون. سنڌس رچنائون ڪمل 'پياسي' جي نالي سان

غزل

منهنجيءَ ڪوشش جو عڪس

مان آهيان بس مان ئي آهيان،
’مان‘ کان وڌ بيو ڪجهه به نه آهيان.
- سرير، جذبو، احساس اندر ۾،
ڪڏهن نه اُمنگن کي پنيلايان.
- پرواهه ناهي جي تڇ آهيان،
نندا ڪڙين اڪڙين سان واجهايان.
- هوا جي سامهون اُڏما جُهرندا،
طوفانن جو رُخ بدلايان.
- چنڊ بند، آڪاس جيل ۾،
ڪيئن اُهي آزاد ڪرايان.
- گيتن جي گونجار ڪري ڪا،
شاهوڪاري سُڪه ڦٽايان.
- غزل ٻڌي گونجار ڪيان تو،
ڪين ڪَچا تو گيت ٻڌايان.
- يادون ڊوڙي ڊوڙي ايندون،
جيئن ٻڙڪيءَ مان لياڪو پايان.
- سائين کي ڪرتار مڃيو تم،
سچ سيئي سان تو دهرايان.
- جيون پڙهندي اُڏما جاڳايان،
اُمنگ اُهي جڳه ساڻ وراهايان.
- اڳڪٿين کان چرڪان پياسي،
ٻوليءَ کي تو جيجل پايان.

- ڪمل پياسي



رچيتا



آنيتا - ڪمل پياسي

صدق هو ڪيس سائين بابا ۾،
سندس تصوير ۾ اکيون وجهي وهندي هئي،
گهر جي رنڌڻي جي در مٿان سائين بابا
جي تصوير ٽنگيل هئس،
صبوح جو اُٿڻ سان هٿ جوڙيندي هئي،
پوءِ گروناڪ جي تصوير اڳيان نمندي هئي،
سائين بابا هن لاءِ ڀڳوان جو روپ هو.
سائين بابا جو ڌيان ڪندي،
اهنڪار مٽجي ويندو هوس.
وڃڻ جي آس جاڳندي هئس
گرو ۽ گاڏ هن لاءِ هڪ سمان هئا
سندس حواسن، من ۽ ويچارن ۾
ڌارمڪ ويچار اُڀرندا هئا
ان کان ڪيس آنند ملندو هو.
گهر لاءِ موهه ۽ هرڪنهن لاءِ ممتا هُن ۾ گهڙيل
هئس، جو ته اول ۾ ته هوءَ ماءُ ئي هئي.
پل هوءَ هئي مقبول شاعرا، ڪهاڻيڪار،
مضمون نگار.
٢٧-٧-١٩٣١ هوءَ هن جڳه ۾ پڌاري
٢٢-١-٢٠١٢ تي هن وداعي ڪئي
ڇڏي ويئي صرف پنهنجون يادون.

- ڪمل پياسي

1. ويراول جيسي ڪلب طرفان آئوٽ اسٽئنڊنگ ساهتيہ شخصيت سال-1984.
2. سنڌي سماج لکنوءَ طرفان ساهتيڪ رچنائن لاءِ مليل سنمان-1992.
3. گجرات سنڌي اڪاڊميءَ طرفان بيسٽ سنڌي سينيئر ساهتيہ شخصيت 1996 لاءِ لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ ۽ 15 هزار رپيا روڪ.
4. اُتر پرديش گورنر جي هٿان سال 1992 ۾ ”**سنڌي ستارا**“ جو اوارڊ.
5. گجرات سنڌي اڪاڊميءَ طرفان هيٺين ڪتابن لاءِ مليل سنمان :

1. پنکڙيون گلاب جون (ڪويتا)
2. چولين ماريا چال (ڪويتا)
3. لهر لهر هڪ لُڙڪ (ڪهاڻيون)
4. **شاه لطيف هڪ فنڪار** (ريسرچ)
5. **ٽم ٽم تي ميوا** جام (ڪويتا)

6. **گجرات سنڌي** اڪاڊميءَ طرفان سينيئر ساهتيڪ شخصيت طور چونڊجڻ تي حاصل **ٿيل گوُرو** پرسڪار.
7. اين.سي.پي.ايس.ايل. بڙودا طرفان ڪتاب ”ڪمل ڪُنج جي اندر“ تي مليل سنمان ۽ روڪ رقم.
8. پنج دفعا گجرات سنڌي اڪاڊمي اوارڊ وجيتا.
9. گوريگانءَ سنڌي پئنچايت پاران سنمان ٿيل.
10. سيتا سنڌو پون ممبئي پاران شڌ پاونا پرگهٽ ڪندي ڪجھ مالي پيٽ ڏئي سنمان ڪيل ۽ ڪيس ”**سنڌيت جو شان**“ چئي سنمان ڪرڻ.

انهن ڪانسواءِ ڪيترين ئي سنڌي سنستائن طرفان وقت بوقت شري ڪمل پياسيءَ جو سنمان ڪيو ويو آهي. تازو ئي هڪ بزرگ ڀاءُ شري لالچند ڪي. نچاڻي (چنئي)، هڪ قدم اڳتي وڌندي سندس 125 ڪويتائن کي ترجمو ڪري اُنهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي (Prgrance of Sindhi Poems) جي نالي سان شايع ڪرايو. جيڪو هن جو لکيل آهي ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو شري نچاڻيءَ ڪيو آهي.

من موهيندڙ، مٺا شبد، نئڙت ۽ ملنسار شخصيت جو مالڪ ڪمل پياسيءَ چيو تہ ”مان لکندو آهيان، چو تہ مونکي لکڻ جي پياس آهي.“ هن کي زندگيءَ جي هر باريڪيءَ سان بيحد پيار آهي. ڪيس ماڊرن ۽ ڪلاسيڪل ٻنهي قسمن جو سنگيت وڻندو آهي. پينٽنگ ۽ فوٽوگرافيءَ ۾ بہ سندس گهري دلچسپي آهي. سائين سندس کي سٺي صحت بخشي.

- **شوڀا رام لالچنداڻي**

شايع ٿينديون رهنديون آهن. سندس تخلص آهي 'پياسي' جنهن جي معنيٰ آهي 'اُڃ' جيڪا سندس جي ليکن ۽ رچنائن سان سڪ ۽ پريم کي ڏسندي واقعي سچي لڳي ٿي. هن جي ليکن ۾ گهري معنيٰ ۽ بهترين نهڪندڙ لفظن جو استعمال ڏسندي کيس 'شبدن جو جادوگر' چئجي ته غلط نه ٿيندو. هن پنهنجي ساهتڪ ڪريئر جي شروعات فقط 14 سالن جي عمر ۾ ئي ڪري ڇڏي هئي، ٻال ڪويتائن جي ذريعي. هُن جون ڪويتائون 'گلستان' ۽ 'گُل ڦُل' مخزن ۾ شايع ڪيون ويون هيون. پياسيءَ پنهنجي رچنائن ۾ زندگيءَ جي الڳ الڳ رنگن، ايمانداري، ڪاميابي ۽ ناڪاميابي، اُتساهه ۽ هتاشا نااُميديءَ کي، خوشين ۽ غمن کي بهترين نموني سان پيش ڪيو آهي. سندس جيون ۾ مکيه حاصلاتون آهن.

1. آل اِنڊيا ريڊيو جو مقبول شاعر.
2. مهاراشٽر، گجرات ۽ راجستان جي سنڌي درسي ڪتابن جو ڄاتل سڃاتل ليکڪ.
3. ڀارت سرڪار طرفان مانيتا مليل ٻين ڀاشائن مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ.
4. گجرات ڊپارٽمينٽ آف فشريز جي ماهوار مخزن 'متسيه وڪاس' گجراتيءَ جو 1972 کان 1976 تائين سمپادڪ رهي چڪو آهي.
5. فشريز سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي لکيل انگريزي ۽ گجراتيءَ ۾ ليکه، جيڪي راجيه، راشٽريه ۽ اَنترراشٽريه مخزنن ۾ شايع ٿي چڪا آهن.
6. سنڌي ماهوار مخزن 'سنڌيت' لکنوءَ 'سپيتا' ٻڙودا، 'ادبي چمن' گجرات جو سمپادن ڪيل.
7. ٻروچ گائيڊنس ائسوسئيشن جو (1982-1980) ميمبر.
8. فشريز سائنس تي 14 ريسرچ پيپرس لکيل ۽ شايع ٿي چڪا آهن.
9. آل اِنڊيا ليول تي ڪوي سميلن ۾ ڀاڱو وٺندڙ.
10. آڪاشواڻي احمدآباد، ٻڙواد، راجڪوٽ، ڀُڄ جي ڪاريه ڪرمن ۾ ڀاڱو وٺندڙ.
11. دوردرشن پروگرامن ۾ ڀاڱيدار.
12. آل اِنڊيا ليول تي سيمينار آيوجت ڪندڙ ۽ ڀاڱو ورتل.
13. اکل ڀارت سنڌي ليکڪ منچ، جو اڳوڻو پريزيڊنٽ.
14. سنڌي پنچايت، گانڌينگر جو اڳوڻو وائيس پريزيڊنٽ.
15. ٻال ساهتيه پريشد، احمدآباد جو اڳوڻو ايگزيڪيوٽو ميمبر.
16. گجرات يونيورسٽيءَ جي سنڌي درسي ڪتاب لاءِ مقبوليت حاصل ڪيل.

اڄ تائين ڪمل پياسيءَ کي ڪيترن ئي اوارڊن انعامن سان نوازيو ويو آهي جن مان ڪي مکيه هت هيٺ ڏجن ٿا.

ستگرو شري شرڊي سائين بابا

سائين بابا سٺ سالن تائين شرڊيءَ ۾ رهيو. هو هرروز جنڊ هلائڻ جو ڪاريه ڪندو هو. اُهو نہ رڳو اناج پيهڻ لاءِ هو، پر پنهنجن ڀڳتن ۽ شردالن جي هرروز جي پاپن، سريرڪ ۽ دماغي ڪشٽن ۽ پيڙائن کي ڪرم ۽ ڀڳتيءَ جي ٻن پُڙن جي وچ ۾ آٽي، جهنڊ جو ڏيان جو هٿيو پاڻ جهلي، ڏڏريندو هو. بابا جو اهو اِشارو هوندو هو تہ جيسين اِڇائون، ترشنائون، ڪامنائون، پاپ ۽ گناهہ پيسيا نہ ويندا تيسين سَتو، تَمو ۽ رَجهو گڻن سان گڏ اهنڪار ڪان مڪتي ملي ڪانہ سگهندي.

بابا جو جيون واقعي سمنڊ جيان گهرو هو. هو پنهنجي جيون جا ملهائتا موتي (گيان ۽ ڀڳتي) انهن لوڪن ۾ ورهائيندو هو، سائين جو سکيائون ووڀڪ کي اُجاڳر ڪندڙ، وندرائيندڙ ۽ سکياڏائڪ هونديون هيون. لوڪ اُهي ٻڌندا هئا. ڏيان ڪندا هئا ۽ جو بہ چاهيندا هئا ان ڪان گهڻو پائيندا هئا. اهي وارتائون اَنوٽون ڦل ڏيندڙ هيون، جِڪ اُپاسنا جو هڪيو تڪيو ساڌن هيون.

سائين پاڻ ئي چوندو هو، ”جيڪو بہ منهنجو نانءُ پيار ۽ شرڌا سان جپيندو مان انهن جون سڀ مرادون پوريون ڪندس، پر جي هو منهنجا گيت من ۾ ڳائيندو تہ مان چئڻ هن جو پاڇو بڻجي اڳيان پنيان ۽ هر طرف ڪان هر طرح جي واهر ڪندو رهندس. منهنجا ڀڳت منهنجيءَ دل ۽ آتما سان جڙيل آهن. اُهي آنند ماڻيندا آهن. هو وشواس سان چوندو هو تہ جيڪو پنهنجي مکہ سان منهنجو پروچن ڪندو، اُهو اَنحد خوشي ماڻيندو. هميشہ شاد آباد رهندو. جيڪو منهنجو نام ڏيائي ٿو، مان اُن کي مڪتي ڏيان ٿو. جيڪي صرف منهنجو نالو وٺن ٿا، من سان آراڌنا ڪن ٿا، منهنجي جيون ڪٿائن دواران پرچار ڪن ٿا، هميشہ مونکي ياد ڪن ٿا ۽ مان بہ ڪين ڪال جي ڦهري ڏانهن ڪان مڪت ٿو ڪرايان. ان طرح هو مونکي پنهنجو پاڻ ۾ سمائي ٿا ڇڏين ۽ مان سندن آتما ۾ گرهڻ ڪيان ٿو. هيءُ رستو آهي آنند جو، ساڌڪ جو، اهنڪار ناس ڪرڻ جو، ٻڌندڙن جي دلين ۾ شانتيءَ کي واسو ڪرڻ جو، سمپورڻ وشواس ۽ شرڌا سان سندس پريم-ووڀڪ سجاڳ رهندو. صرف ’سائين سائين‘ چوڻ سان روڳہ ناس ٿي ويندا. اَهڙي شخص کي پوءِ پاپين، نڳن، اَڌرمين، پاکنڊين ڪان پاسو ڪرڻ ئي فائديمند آهي.

عام طور نيمت ٿيندڙ آرتيءَ ڪان پوءِ بابا جا پوتر وچن اُهي ئي هوندا هئا،

سچائيءَ جي پرک

اوهان جيون جي هن حصي تي ٻه ڀاڱ کي ڪارائتو ثابت ڪري رهيا آهيو، اها توهان تي پريوءَ جي مهر آهي. شل اَجا ٻه قائم رهي. توهان کي ڪتابن پڙهڻ سان ڪافي ڄاڻ ملي ٿي. اوهان ڀاڱ کي مرليڌر جي ويجهو محسوس ڪري رهيا آهيو. توهان جي دل مان نڪتل آواز اَنترياميءَ روز ٻڌي ٿو، تڏهن تہ اَهڙا مڌر جذبا اَجا ٻہ اوهان جي من ۾ اُڀرن ٿا ۽ اُنهن کي پيا اکرن ۾ سجايو.

- سداحيات راڌا ڪرشن عالمچند (٢-١-٢٠١١)

توهان جي ماتا پوئين جنم ۾ ضرور سون ورهايو هوندو جو ڪين توهان جهڙو سپاتر پتر پراپت ٿيو. توهان سچ پچ سماج لاءِ مڪتي ماڻڻ جو رستو کوليو آهي. ان لاءِ اوهان ڪيرون لهڻيون. (٢٢-٥-٢٠١١) توهان کي سرسوتيءَ جي ڏات مليل آهي، جنهن ڪري توهان شاعريءَ ۾ لکڻين ڏانهن مايل ٿيا آهيو. 'ساوا ساوا پن' ٻال گيت لکي توهان ٻارن ۾ ايڪتا، سهڪار، شرڌا، آراڌنا ۽ پيار ونڊڻ چاهيو آهي، جيڪي جڳہ جو سينگار ٿين.

- وريل ڪارڙا 'شاستري' (٧-٦-٢٠١١)

'اُسات' ناول لاءِ توهان پنهنجا تاثرات لکي موڪليا. نهايت ٿورائتو آهيان. اَڄ ڪلهہ عام لاءِ پڙهڻ تہ دور رهيو، ڪير پهچ ٻہ ڪين ڏئي، پر ڪي ڪي قدردان تحقيق تي ڌيان ڏين ٿا.

- هري همٿاڻي (٧-١-٢٠١١)

توهان صاحبن جو گيان پريو اَڌياتمڪ شاعري پستڪ ''سمنڊ ڪناري ريتي ڦيڻ'' مليو. اوهان جس لهڻو جو هن عمر ۾ ٻہ ايترو اَڀياس ۽ چنتن ڪري ملهائتو لکو پيا. توهان پنهنجو جيون ڪرتارٿ ڪيو آهي.

- هندوجانند 'آنند' (٥-٧-٢٠١١)

توهان جهڙن ليکڪن ۽ شاعرن جي ڪوشش سان ٻولي اَمر رهي آهي. توهان جڏهن ٨٢ سالن جي عمر ۾ قلم ڪڻي لکو ٿا تہ لفظ موتي ٿي ڪاغذ تي چنبڙي لياڪينڌڙ چتر ٿي پوندا آهن. ''سمنڊ ڪناري ريتي ڦيڻ'' ان جو چمڪندڙ مثال آهي. شاعريءَ ڌارمڪ ويچارن سان گڏ توهان جي لکڻي ٻہ لاجواب آهي. لکندا رهو جيستائين دم ۾ دم آهي.

- اين. جي. ماڪيجاڻي (١٢-١-٢٠١١)

توهان سنو ٿا لکو. ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي. توهان جو ڌرمي ساهت لاجواب آهي.

- لڇمڻ هرواڻي (٧-٦-٢٠١١)

تو، پر ڪيس بنهي مان هڪ کي چونڊڻو هو. سياڻو، سگهڙ ۽ سلڇڻو ته سنوئي پسند ڪندو، پر اَياڻو وري ان جي اُبتڙ.

(٧) من ۽ حواسن تي ضابطو : جنهن پنهنجي رهبر کي سمجهيو آهي، اهو پنهنجي من تي لغام رکي سگهي ٿو ۽ آخرين سفر پورو ڪري هو ان منزل تي ٿو پهچي جيڪو ڀڳوان وشنو جو آستان آهي.

(٨) مَن جي شڌتا : ڪنهن به حالت ۾ من کي اجلو رکڻو آهي. ڪيس جاڳائي پاڻ سڃاڻڻو آهي. اهنڪار کي ماري خواهشن کي ختم ڪرڻو آهي. هر ڳالهه کان هر طرح جو چوڪارو پائي منزل مقصود تي پهچڻو آهي.

(٩) گروءَ جي ضرورت : پاڻ مان پنهنجي سوجهي پائڻ ڪو سولو ڪين آهي. ڪنهن اُستاد، گروءَ يا رهبر جو هئڻ ضروري آهي. سندن اِشاري سان سوچيل مارگ تي قدم کڻي روحاني ڏاڪڻ تي قدم رکي سگهبو.

(١٠) مالڪ جي ديا : ايشور به جڏهن ڀڳتي ڏسندو ته وويڪ ۽ ويراڳ جي بخشيش ڪندو ۽ سنسار ساگر جي ڇتين ڇولين کان پار لڳائيندو. باقي ڪٿا اُپنشد ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته اڪيلي ويد وديا سان لاڀ نه ٿئي، بوجهه دواران يا سکيا دواران جيڪو پاڻ چونڊي ٿو ماڻي ٿو، باقي ته جيئن قدرت کي منظور.

سائين بابا پاڻ به پربوڌ ڏيندي چوي ٿو ته هيڃي من دواران نه ساڌنا تي سگهندي ئو نه وديا حاصل ڪري سگهبي ۽ نه وري ويچارن ۾ شڌتا ايندي. سائين بابا پاڻ ئي اِشارو ڪندو آهي ته ”منهنجو خزانو هميشه ڀريل آهي. مان هر ڪنهن کي سڀ ڪجهه ڏيئي سگهان ٿو. مونکي رڳو ڏسڻو آهي ته هو ڪيتري قدر مونکان ڀيٽ وٺڻ جي لائق آهي. مون ڏانهن ڏيان ڏيندا ته ان مان توهان سڀني جو لاڀ ئي ٿيڻو آهي. دوارڪا مائيءَ جي گود ۾ ويهي مان ڪڏهن به ڪوڙ ڳالهائي نه سگهندس.“

ڀاڳيوان آهي اُهو ديش، اُهو ڪٽنب، ان جي ارد گرد مائٽاڻا متر، جتي هئڙي انمول، قيمتي، لائق، شڌ هيري جو جنم ٿيو.

ستگرو بابا سائين اسان جون اکيون کوليون. اسان جي بڌيءَ جو نرماڻ ڪيو. اسان کي ڀڳتي جو ڏس ٻڌايو ۽ اسان جي ڪومل احساس کي ڪليل پرڪاش ۾ آندو.

सबका मालिक एक — مالڪ سڀ جو هڪ

God is one for All

''اوهين جتي بہ آهيو، ڇا بہ ڪندا آهيو، مان اهو پلڪ پٽ ڄاڻان ٿو. مان توهان جي دلين جو شهنشاهہ آهيان. مان توهان جي دل جي تخت تي براجمان آهيان. سڀ پراڻي منهنجي قبضي ۾ آهن. پل هو ڪٿي بہ ٽانئيڪا ٽيل هجن يا ڪهڙي بہ هلچل ۾ هجن، منهنجو انهن تي قبضو آهي. سڄي وشو جي ڏور منهنجي هٿ ۾ آهي. مان هر جيون جي ماتا جيان آهيان. اگر ٽنهي گڻن جا پوت ڪين وڪوڙي ويندا ۽ ايذاءُ رسائيندا تہ پنهنجي روءِ اُنهن ڪان مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ مون ڏانهن نهارين، پر جي سمپورڻ ڏيان نہ ڏيندا تہ مايا ڪين وڪوڙي ويندي، پيڙا ڏيندي. جيو، جنتو، ڏنل اَڻ ڏنل، لڪل يا ظاهر سڀ منهنجي سرير جا اَنگہ آهن.''

سائين بابا جڏهن پاڻ ئي سچ چت آنند هئو تہ پوءِ ڪيس ڪنهنجي بہ پرواهہ ڪهڙي. نمرتا ۽ پوري صدق ۽ شرڌا سان بہ ڪيس ڪجهہ بہ ڪوئي بہ پيٽ ڪندو هو تہ هو اُهو سويڪار ڪندو هو. ان طرح سائين ڪان مٿي تہ بيو ڪو سنگر ٿيندو ئي ڪن. بيا گر، فقير، ساڌڪن جون خواهشون پوريون ڪن پر سائين تہ هر ڪنهن کي تمام قيمتي ۽ ڪمائتيون شيون ڏيندو هو، جيڪي دل جي دبلي ۾ بند رکڻ جهڙيون هيون، وڃائڻ جهڙيون ڪين هيون. سائين پاڻ ئي برهما روپ هو. جڏهن ڪوبہ برهما جو درشن ڪرڻ چاهيندو هو تہ بابا ڪيس پنڄن جڳتين ڪان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ وينتي ڪندو هو، جي هيون (١) پنج پراڻ. (٢) پنج سواس (٣) من (٤) بڌي (٥) اهنڪار. ان طرح برهما جو گيان ٽئي ڪليل تلوار جي ڌار مٿان قدم ڪڻڻ. برهم گيان هٿ ڪرڻ لاءِ سائين ساڌڪ کي، پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ صلاحون ڏيندو هو، جي هونديون هيون.

(١) هموڪشو : اِڇا مڪت، روحاني جيون ڪان سواءِ بيءُ ڪنهن بہ ڳالهہ ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ.

(٢) ويراڪتي : لڳہ لاڳاپا ٽوڙي اِڇا مڪت تي هر طرح آزاد گهارڻ.

(٣) انترا مڪا : پنهنجي اندر ۾ جهاتي پايو. باهريون مڙيون گهرجون وساري ڇڏڻ.

(٤) ڪاڻاربس : سچائي، سهنشيلتا ۽ سادو جيون گهارڻ.

(٥) صحيح هلت : جيڪو ڪوبہ سچائي، سهنشيلتا ۽ اِندرين جي سوجهري تي جيت نہ پائيندو، ايشور اوڏو اچي نہ سگهندو.

(٦) سيرياس ڪان پيرياس: يعني سنو ۽ آنند بخش. پهرين جو لاڙو روحاني راهہ ڏانهن تہ ٻئي جو دنيوي پرورتين ڏانهن. اِنسان تہ ٻئي هٿ ڪري سگهي

نظم

ساٿ سدائين سائينءَ سان

سائين مونسان ساٿ هردم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ،
اَناٿ جو آ ناٿ هو هردم- ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

- ٻچن لاءِ ٻچوان آ سائين - پل پل ڪيس نمون سدائين،
ٻَوَ ٻولا تو پاڻ ٻچائي - ڏچندڙ جو ڏپ پاڻ تو لاهي،
هن لاءِ ڪوبہ نہ اناٿ آدم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

- نرگڻ آ گڻ وارو مالڪ - ٻچن لاءِ پروارو بخشڪ،
هن جي ٻچيءَ ۾ آ شڪتي، ملي نام ونڻ سان مڪتي،
ستيم، سندرم، سندس مهاتم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

- چرنن ۾ چت لائي جيڪو - هر دکہ ڪان هو دور رکي تو،
هن جو منتر گائتري منتري، درشن سان دکہ وڃي سراسر،
تئي نہ ڪوئي ڪاريہ اَڪرم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

- ڪيڏا اهنج اَچن پيڙائون - مهر نظر سان پري ڪيائون،
مَنَ اندرين ڪي پرکي سائين هر جيو جو ڀلو ڪيائين،
ڪرپا هن جي آهي محڪم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

- هردم هن جو هجي سهارو، هو آ هرڪنهن لاءِ ٻاجهارو،
ڪرم ۾ جيڪي هيون مدايون، سائين دور ڪيون ڪنايون،
جو ٻي چاهيم پياسي پاتم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

- هن جي ٻاٽي شذ ماڪيءَ جان، جِن چکي سي پرسن تي پيا،
ڏئي تو دل ۾ جاءِ اُنهيءَ ڪي، جيڪو ڪيس تو پورو پرکي،
ڪين وڃايم، گهٽو پرايم - ڪين اڪيلو آهيان آنءُ.

آرتي

ستگرو شري سائين بابا

جيون ۾ سُک سارتي، کيون تا تنهنجي آرتي.

(١)

ديا کيو داسن ڀڳتن تي - چرنن ۾ ڏيو شرناگتي،
جتي بہ تنهنجو پوتر ڏيرو - منزل اُها جڳ تروپتي،
تنهنجي رنگ ۾ رنگجي هردم - ملي ڏٺيءَ جي پراپتي.

(٢)

ڀاوَ ڀنل پنهنجن ڀڳتن کي، راهہ سنئين ڏيکاريو تا،
سنيهہ ڀري ثنا سمرتي - کيون تا تنهنجي آرتي.

(٣)

ساڌڪ ڌيان ڌري تو جيکو، ڀَوَ ساگر مان پار پوي،
ديا دُعا جا سوارتي - کيون تا تنهنجي آرتي.

(۴)

ڪلجڳ جو اوتار بڻي تو، سگڻ برهم جو روپ ڌري،
ديو دگمبر دَت ڀارتي - کيون تا تنهنجي آرتي.

(۵)

جيڪو هر وسپت تي تنهنجو - جاپ ڪري ورلاپ ڪري،
ماڻي سُک ۽ سمپتي، کيون تا تنهنجي آرتي.

(٦)

ديون جان تون ديو برابر - چرن رَجَ مستڪ تي لائن،
مهر ڪيو مونتي ماڌوءَ جي - ملي پاپ ڪرم کان مڪتي،
آءٌ مٽيءَ جي هلڪي هَستي،
کيان تو تنهنجي آرتي.

دک ۽ درد مٽائڻ وارا تون ناٿن جو ناٿ،
تنهنجي شرڻ ۾ آهي نانڪ - تنهنجو گهرجي ساٿ.

- سکمني صاحب سلوڪ اشٽپدي-٣

سائين اوتار

شرڌيءَ جو سائين اوتار،
دين دکين جي لاءِ داتار.

(١)

مهر ڪري تو هرڪنهن تي،
پيار ڏئي تو سڀني کي،
هو ئي مهر جو مالڪ خالق،
هو ئي هرڪنهن لاءِ ڪرتار.

(٢)

جتي ڪٿي هن جو آ واسو،
درد مندن کي ڏئي دلاسو،
جيون دان ڏئي ڪرپا سان،
ڪين ڪري هيٺن ڪان پاسو.

(٣)

هو ئي رام، شيام، الله،
هرڪنهن تي تو رکي نگاهه،
ڪرشن، گوتم، نانڪ هو ئي،
ديا جو هو پورڻ درياهه.

(۴)

هو ئي ماتا، پتا ۽ ساٿي،
ڪنهن نہ اُنهيءَ مان اُميد لاٿي،
سائينءَ جو آ سڀ سان سنبنڌ،
دور ڪري دکہ هر ڪنهن جو تي.

(۵)

سائين آ هرڪنهن جو سوامي،
دم دم ياد ڪيون مدامي،
پياس بجهائي هر پياسيءَ جي،
دين بندو، گر انتريامي.

نظم

سائين جڳ پرڌان

(١)

تنهنجي تپشيا تياڳ ساڌنا ساري ئي جڳ لاءِ،
تنهنجو هر اِشارو آهي صحيح واٽ ڏيکارڻ لاءِ،
شرڌا ڀاري جو ڀ اَچي ٿو، ان جو ٿئي ڪلياڻ،
پير فقير هرڪو تو لاءِ، جت ڪٿ ڪري پڇاڻ،
ائين لڳي ٿو هن ڌرتيءَ تي تون ئي جڻ ڀڳوان،
رام ڪرشن رحمان.

(٢)

ناريءَ وانگر هن جو هردو ڪومل ڏئي گواهي،
هو ئي مسڪينن لاچارن جو بڻجي سچو همراهي،
ٻار ٻڍي يا نوجوان جي لاءِ، ڪيس فرق نہ آهي،
دردي دک ۾ هن وٽ ايندو، ويندو سو سک پائي،
دوارڪا مائي گهر ۾ هن جو، پوتر آهہ مڪان،
سڀ کي ڏئي وردان.

(٣)

ٻارن سان گڏ ٻار بڻي ٿو نچي، ٽپي ۽ ڳائي،
قدم ڌري هو شالا ۾ ٿو وديا گڻ پرائي،
ور ور روپ مٽائڻ ۾ آ هن جو ڳجهو گيان،
پنهنجي روپ سروپ ۾ آهي سائين مهنت مهان،
هڪ علحدو اِنسان.

(٤)

جادوگر جيان پاڻيءَ سان ٿو ڪيڏا ڏيئا جلائي،
دور هجي دوکي تہ ڀ ٿو، ان جا دک مٽائي،
جيون مرتيو جو سنٻنڌ ٿو، ڀڳتن کي سمجهائي،
ڪلنڌڙن سان ٿهڪ ڏئي ۽ دوکين جا دک لاهي،
شرڌيءَ واري سائينءَ جي لاءِ پياسيءَ کي سک سنمان،
مائين جڳ پرڌان.

گيت   سائين چڻ ڀڳوان هئو

(١)

هر ڪلا سمپورڻ سائين،
هرهڪ جي تي ڄاڻ رکيائين،
هن جو هو غئبي اظهار،
ڏنو پئي هرڪنهن کي پيار،
ڪرم وچن ٻلوان هئو،
سائين چڻ ڀڳوان هئو.

(٢)

نرٻل جو هو پالڻهار،
دکين بکين جي لاءِ داتار،
روپ نہ هنجو رنگہ نہ ڪو،
ڀيدڀاوَ کان دور رهيو،
هڪجهڙو ڄاتو سڀ کي،
سائين چڻ ڀڳوان هئو.

(٣)

راڄ يوگہ وارو هو يوڳي،
هرڪنهن جي لاءِ ٻڻيو سهيوڳي،
پار برهم پرميشور گوبند،
ڪرپا نڌان ٻڻيو دانشمند،
جيڪي دوارڪا مائيءَ آيا،
ڏيا انهن جا ڀاڳہ سوايا.

(٤)

هو ئي ڪرڻ ڪرائڻ وارو،
پرپ رنگہ ۾ رچيل نيارو،
سو شيوڪ آهي وڏ ڀاڳي،
جيون ان جي سدا سڀاڳي،
هو ئي هو دکہ ڪاٽڻهار،
سندس سنگہ ۾ پئجي پار.

(٥)

وگهنن کان ڏو دور رکي،
سڀ کي اَمرت نام جو ڏئي،
سادي ڪرڻي رهڻي سادي،
سچي سندس آ کهڻي سادي،
ڪري سيني تي ڏو آسيس،
ڏوڙي هن جي آ بخشيش.

(٦)

مالڪ سڀ جو هڪ ئي آهي،
ور ور جنهن کي پيو ٻاڏائي،
پري تہ هن کان ڪجهہ ٻي ناهي،
پو بہ پاڻ کي ڇڏي لڪائي،
کيلي کيل پيو هروار،
سائين پورڻ پرپ داتار.

(٧)

هن پاڻيءَ جا ديپ جلايا،
اَچرج ڀري هئي هن جي مايا،
هن جو پوتر نرمل سنگہ،
سگهي ڏو سمجهي سڀ جو ڍنگہ،
سج، چنڊ، تارن جا چمڪار،
پنهنجيءَ مرضيءَ جو مختيار.

(٨)

سائين آ سڀ لاءِ داتار،
هرڪو هن اڳيان لاچار،
جنهن جي من ۾ هن لاءِ شرڌا،
ان تي هنجي مهر ۽ ڪرپا،
سچو سندس سالڪ سنسار،
هئو سندس هرهنڌ اختيار.

گيت

گهر ۾ پير گهماءِ سائين

(١)

سائين گهر ۾ پير گهماءِ،
ڏولاون کان پار لنگهاءِ،
ڀڳت پيا ٻاڏائين توکي،
ور ور پيا نهارين تو ڏي،
وسياهه انهن جو ڪين وڃاءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(٢)

سڀ جا سور سڃاڻين سائين،
دکه نوارڻ وارو آهين،
ٻار پيا ٻاڏائين توکي،
اکيون درن ۾ پائين تو لاءِ،
معصومن لاءِ بڻج سهاءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(٣)

شردڌيءَ وارا سائين منهنجا،
ڀڳت پڪارين توکي پيا تا،
ڪروڙا جو تون ساگر آهين،
تارا، چنڊ ۽ اَمبر آهين،
سڏ ڪندڙ جو سڏ اوناءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(۴)

اُتر، ڏکڻ، اولهه ۽ اوڀر،
آنءُ نهاريان پيو ٿو چوڌر،
بيوس بندو تنهنجو آهيان،
ڪيڏو ٿو توکي ٻاڏايان،
ائين نه درشن لاءِ تڙڦاءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(۵)

سائين ڪيرتن، پوڄن سائين،
رِڌي سڌيءَ جو مالڪ آهين،
آنند ۽ پرمانند سائين،
ڀَوَ ڀولن کان پار لڱائين،
مايا ۾ مونکي نه منجهاءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(٦)

گيان ڌيان جو روپ اَنوکو،
ڪرم ڌرم ۾ هردم پختو،
شڪتي سائين ڀڳتي سائين،
جيون جي آ مڪتي سائين،
منهنجو هيءَ هڪ عرض اَگهاءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(٧)

ترپتي سائين، پراپتي سائين،
اُپ متي، هت ڌرتي سائين،
’اوم‘ به سائين شانتي سائين،
نت ڪرم ۽ جڳتي سائين،
مونکي پنهنجو داس بڻاءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

(٨)


سائين ستيم، شوم به سائين،
بابا آهي سندرم سائين،
سائين آتما، پرم آتما،
لکل سندس آ شبد ساڌنا،
پياسيءَ جو تون سڏ اوناءِ،
سائين گهر ۾ پير گهماءِ.

Blessed is the county,
Blessed is the family and
Blessed are the chaste,
Parents, Where this Extra
Ordinary, Transcendent,
Precious and Pure
Jewal (Sai Baba) was Born.

- Allah - Malik -

Always remember " Sai - Sai "
you would be Free.

॥ ॐ साईं राम ॥



سائين جڳہ پرڌان

مهاراشٽر ۾ جي مهنت شري ديانيشور مهاراج جي چوڻ اَنوسار، مالڪ جي مَهر سدائين انهن مٿان رهي ٿي جيڪي پُرشَنِ جي جيون جهانڪي ڪرائين ٿا، خاص اهڙا مهنت جن جا رشتا ئي الڳ طرح جا ٿين. ان طرح سال ١٧٧٨ع يعني سنبت ١٧٠٠ ۾ شاعر مهيپت دواران شروعات ٿي. هن ڪيترن ئي سنتن جو خاڪو چٽيو. جنهن ۾ سائين بابا جي جيون ۽ سکيائن جو ورنن بہ آيل آهي. باندرا جي شريمتي ساوتري بائي رگهوناٿ بہ ”شري سائين پڇن مالها“ جي سري سان ننڍڙي پستڪا شايع ڪرائي. ان طرح وقت بہ وقت سائين بابا ساهت پرگهٽ ٿيندو رهيو. جڏهن سائين بابا جيون ۽ سکيا جي ”سائين ستچريتا“ شايع ٿيو تہ منهنجو بہ ڌيان اُن پستڪ ڏانهن ڇڪايو ويو ۽ ڪتاب پڙهندي منهنجو من بہ سائين جيون چريتر پڙهندي خيالن ۾ ٻڏي ويندو هو، بلڪ ان ۾ لين ٿي ويندو هوس ۽ ائين دل ۾ هڪ اُڌمو جاڳيو تہ سنڌي ۾ بہ سائين بابا جي جيون تي ڪو ڪويتا سنگرهہ هجي، جيڪو هيل تائين لکجي نہ سگهيو هو.

سنت ٿين روشن منار وانگر ۽ پليلن کي راهہ ڏيکارين، جيئن تہ شورتي، ڌيان ديهہ، مڪتابائي، نامديو، ڪبيرداس، ڳورا، گونائي، ايڪناٿ، نرهري، تڪارام،

غزل

(١)

زَمِزن سان ريجھائي تو،
۽ وات سنئين سمجھائي تو.

- سڏيءَ سڙڪ تي پير ڪٽڻ لاءِ،
ور ور پاڻ چتائي تو.

- ڪوئي ڪنهن سان ڏنگو نہ ٻڌجي،
ان جو ڏس ٻڌائي تو.

- آهہ اٽانگي وات اگر جي،
هو لنگهہ اُهو ٻڌائي تو.

- ڪيڏو رکوالو آ رهبر،
هر پَل سڏ اونائي تو.

- هردم هڏڏوکي هرڪنهن لاءِ،
غم جا گهاوَ مِٽائي تو.

- مهر رهي مالڪ منڙي جي،
پياسيءَ کي پاڻ لڪائي.

غزل

(٢)

ڪيئن ڪري سگهندس مان ڪَٿ،
تنهنجا سائين هزارين هَٿ.

- شبد شبد سرهاڻ ڀريو آ،
لفظ لفظ جو اونهو اَرٿ.


- من جي مونجهہ مٽائي سڀ جي،
سائين هرڪنهن لاءِ سمرٿ.

- اللهہ چئن تي مالڪ من ۾،
هيءَ سچو آ هن جو پَنٿ.

- ساگر وانگر گهرو هردو،
اُپنشد جيئن پرمارٿ.

- مَن سان ياد ڪيو، هو حاضر،
ارٿ جو ڪين ڪري اَنرٿ.

- ڀرمن ۾ نہ ڀلائي سائين،
مهما هن جي آهہ اَکٿ.



ڪپڙو ٻڌل هو. هٿ ۾ هڪ لڪڙي هئس، جنهن کي سَنڪو چوندو هو. هو چلم (پائيپ) ڇڪيندو هو. چاند پٽيل کي اُتان لنگهندو ڏسي هن کيس سڏ ڪيو ۽ گم ٿيل گهوڙيءَ جو ڏس ٻڌايائينس. چاند پٽيل محسوس ڪيو ته هيءُ فقير ڪو عام رواجي فقير نه آهي. اُتي ئي فقير زمين تي سَنڪو هڻي، چلم لاءِ ٽانڊو پيدا ڪيو. چاند پٽيل پوءِ کيس پاڻ سان گهر وٺي آيو. اهو پٽيل ڌوپ ڳوٺ جو سرپنچ هو. سندس ساليءَ جي پٽ جي شادي شرڏي جي ڇوڪري سان ٿي رهي هئي. جڏهن ڄڃ شرڏيءَ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ته هيءُ فقير به انهن سان گڏ اُتي آيو. شاديءَ جي رسم پوري ٿيڻ سان ڄڃ ته واپس ويئي پر هيءُ فقير اُتي رهي پيو.

شادي جي ڄڃ کنڊوٻا مندر جي پرسان مهالپتيءَ جي زمين پرسان ئي دابو ڪيو هو. هو هئو ته عام اِنسان جيان، پوءِ ملهائتو ماڻڪ هو. سندس جيون ۽ رهڻي ڪرڻي بنهه سادي هئي. هن نه ڪڏهن وار لهرايا ۽ نه ڏاڙهي ڪورائي. هن پنهنجو سارو جيون نم جي وڻ هيٺان گهاريو ۽ ائين هن ڪوڙيءَ نم ۾ مناس پري ڇڏيو، جيڪو وڻ پوءِ روڳ نوارڻ وارو امرت درخت بڻجي پيو. سائين بابا مهالپتيءَ جي هردي ۾ جٽڪ واسو ڪري ويو هو ۽ هو به کيس قرب وچان ڪوٺڻ ويل چوندو ”آ- سائين“ (يلي ڪري آيا سائين) ان ڪان پوءِ رفته رفته اهو اکر بدل ٿي پيو ”سائين بابا“ ۽ هو پوءِ ان نالي سان سڏجڻ ۾ آيو.

سال ١٩٦٠ع ۾ گجرات مهاراشٽريه پرانت پاڻ ۾ ڳنڍيا ته منهنجي بدلي اورنگ آباد ٿي. منهنجي پيڻ ۽ پيٽويو ان وقت منماد ۾ هئا. اسين هنن وٽ گهمڻ ويا هئاسين ۽ پوءِ هنن سان گڏ شرڏيءَ جو درشن به ڪيوسين. مان ان نم جي وڻ کي نفيس پاونا سان ڏسندو ٿي رهيس ۽ به ٿي پنا نم جا چباڙيا به هئم ۽ سچ پچ مٺا لڳا هئم.

مان جڏهن به سائين بابا جو ڌيان ڪندو آهيان ته ٿيندو آٿم ته شري رام، ڪرشن ڀڳوان، گڻپتي، شو شنڪر، هنومان، بابا هريرام، بابا شيوارام ۽ جن مهاتمائن جي سمپرڪ ۾ آچي چڪو آهيان، اُهي منهنجي اکين جي اڳيان آهن. سندن ڌيان سان منهنجو من پرجي ويندو آهه. هو مونکي پنهنجي پٽا ۽ ماتا سمان لڳندا آهن، اُن مهل من مان هڪ غئبي آواز ايندو آهي، ”مان اُهو ئي آهيان“ (سوهم) ۽ پوءِ ’مان‘ ۽ ’مون‘ ۾ مونکي ڪوبه تفاوت نظر ڪين ايندو آهي.

ڪن سنڌي اخبارن ۾ ائين ڇاڻايل هو ته سائين ٻبا سنڌي هو. ان تي ويساهه تڏهن ٿيندو جڏهن يقينيءَ سان ڪي تواريخي ثبوت ملندا. باقي ڀڳوان ڪرشن جي ڀاڳوت يعني اوڌ گيتا ۾ جيئن ڇاڻايل آهي، تيئن مان به ڪيترن وقتن تي

نرسي ڀائي، جلارام، ساجن ڪاسائي، سواتا، رامداس، گرونانڪ، سائين ليلاشاهه، بابا هريرام، بابا شيوارام، سائين ماڌوداس، سائين ٽيئونرام، دادا واسواڻي وغيره. سائين بابا به هو جڳهه منار. پر تياڳي. هن الوڪڪ جيون گهاريو. ڪيس ڪنهن به طرح جي دنيوي پدارٿن لاءِ چاهه ڪين هو. سندس هردو صاف هو. سندس سنسار ئي پنهنجو هو ۽ پنهنجي سنسار ۾ ريڊيو رهندو هو. سندس ٻول ماکيءَ جيان مٺا، ڪليو ڳالهائيندو. ڪڏهن به نه هٻڪندو. هميشهه پنهنجيءَ دماغي استرتا تي قائم رهندو، سماڌي اوستا ۾ گهاريندو هو. سندس مُکهه تي 'اللهه' جو نالو هوندو هو. دنيا جاڳندي هئي ته هو سمهندو ۽ دنيا سمهندي هئي ته هو جاڳندو هو.

بابا جا مائٽ ڪير هئا؟ هوُ ڪٿي ڄائو هو؟ بابا کان اهو پڇندي به ڪو اُتر نه ملندو هو. جيئن ته نامديو ۽ سنت ڪبير جو جنم ڪين ٿيو هو، پوءِ به هنن اَمرتا جو پد پاتو. نامديو کي گوناويءَ جي ڀيم پري نديءَ مان لڌو ويو هو ته ڪبير وري ڀاڳيرٿي نديءَ جي ڪناري تان تامل کي مليو هو. ساڳي ڳالهه سائين بابا سان به لاڳو آهي. ڀهرين ڀهرين شرڊيءَ ۾ نم جي وڻ هيٺان ١٦ سالن جي عمر جي ٻالڪ جيان ڏٺو ويو. هو اُتي آسڻ لڳائي وهندو هو. ان عمر ۾ ڪيس برهما جي پوري ڄاڻ هئي. هوُ سنساري سپنن کان دور هو. مايا ۽ مڪتي سندس داسيون هيون. هوُ شڪل ۽ روشن جو ايترو ته سندر ۽ سوينيڪ هو جو سيني جون نگاهون پنهنجو پاڻ هن ڏانهن ڇڪجي ويندون هيون. هوُ ڪنهن جي به در تي ڪين ويندو هو. هوُ نم جي وڻ هيٺان ئي ويٺو رهندو هو. جڏهن ور ور هن کان سندس نالو ۽ سندس اصل نڪاڻي بابت پڇيو ٿي ويو ته هن کوڏر ۽ تغارو گهرائي ڪندوبا جي آستان جي پرسان اهو هنڌ کوٽايو، جتي اهو ٻالڪ انترڌيان ۾ ويٺو هوندو هو. کوٽڻ سان هڪ وڏيءَ چِپ جي هيٺان کي سرون ڏسڻ ۾ آيون. انهن کي هٽائڻ سان هڪ وڏي غفا ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ چار فانوس ٻري رهيا هئا ۽ هڪ ڳانءِ مُکهه جهڙي اڏاوت به ڏسڻ ۾ آئي. ڪاٺ تي تختي تي ڪجهه مالهائون به رکيل هيون. ممڪن ان ٻالڪ ان جڳهه تي ١٢ سالن تائين تپ ساڌنائون ڪيون هجن. بابا لاءِ نم جو اهو وڻ هڪ پاڪ درخت جيان هو ۽ هن بڌائڻ ٿي چاهيو ته اهو سندس گروءَ جو آستان آهي.

اورنگ‌آباد ضلع جي 'ڌوپ' ڳوٺ ۾ چاند پٽيل نالي هڪ مسلمان رهندو هو. جنهن جي هڪ گهوڙي گم ٿي ويئي هئي. هو گهوڙيءَ جي ڳولها ڪندي اُتي اَچي پهتو، هتي هڪ انب جي وڻ هيٺان هڪ فقير ويٺو هو. هن جي مٿي تي

باسيل آهي چا؟'' مون چيو، ''اَهڙو ڪجهہ ڪين آهي.'' تہ پوءِ چو ڪين سومنات جي بدران شرڊيءَ هلو.'' سندس ان اوچتيءَ راءِ تي اسان کي اَچرج تہ لڳو پر سرهائي بہ ٿي ۽ ائين ئي سومنات جي بدران شرڊيءَ پهچي وياسين.

درشن لاءِ لڳل لائين ۾ آهستي آهستي ڪري اڳتي وڌڻ ۾ ٿورو ٽائيم ضرور لڳو پر جڏهن منهنجو وارو آيو تہ منهنجي من ۾ ڪو غئبي آواز پيدا ٿيو تہ مان سائين کان ڪجهہ گهران ۽ ائين جيئن پنهنجي پنيان نهاريم تہ پنهنجيءَ ننهن کي بينل ڏٺم ۽ ائين ئي اندر ۾ پنهنجو پاڻ اِچا پيدا ٿي ۽ چئي وينس، ''سائين مهربان ٿجو جيئن منهنجي گريونتيءَ ننهن کي ويم وقت ڪا تڪليف نہ ٿئي.'' ۽ سچ پچ کيس ليبر روم ۾ هڪ ڪلاڪ بہ مس ترسڻو پيو. بابا جي ڪيڏي نہ مهر ٿي.

تازو جڏهن نوساريءَ پنهنجي پاٺيجي وٽ ۲۰۱۱ ۾ ويس تہ اُتي مونکي سنڌيءَ ۾ بابا جي جيونيءَ تي لکيل اٽڪل ۴۵۰ صفحن جو ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو، جيڪو سداحيات شري جيناننـد لالواڻي، پارت جيون ساهتيہ مالها دواران ڇپايو هو. ڪتاب تہ يڪساهيءَ پڙهي پورو ڪيم پر ان کان پوءِ مونکي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب مليو، (Shri Sai satcharita)، ان ڪتاب تہ ماڳهين منهنجي ويچارن کي ولوڙڻ شروع ڪيو ۽ عجب ڪائيندو ٿي رهيس تہ ۱۹۲۶ ۾ هيءُ نڪتل ڪتاب جنهن جا ۲۰ ڇاپا نڪري چڪا آهن ۽ هرهڪ ڇاپي جون اداڻي لکہ ڪاپيون تيار ٿينديون آهن، منهنجي هٿ ۾ ايڏو دير سان ڪيئن آيو آهي. مان ڪتاب هڪ دفعو تہ لس ئي لس پڙهي ويس. ٻيو دفعو پڙهڻ لاءِ پنهنجو اپياس ڪجهہ گهرو ڪيم، پر ٽئين دفعي پڙهڻ سان ماڳهين منهنجي قلم ۾ جان اچي ويئي ۽ سائين جي ڪن ويچارن ۽ واڻيءَ کي سنڌي غزلن دواران لکڻ لڳس، جيڪو اَڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

ڪتاب پڙهندي توهان جي من کي سنتوش مليو تہ اُها ئي منهنجي غنيت ڄاڻبي.

- اوم - سائين - رام -

سنت پرشن کي پاٺو جن آ - ستگر اُن جو آهي نانءُ،
اُنهيءَ سنگہ سان سکہ کي پاءِ - نانڪ ٿيندو ڪين وڃاءُ.

سکمني صاحب - سلوڪ - اشٽپدي - ۱۸

مانسڪ من جي خيالن ۾ ٻڌل رهان تہ اِئين لڳندو اٿم ڄڻڪ پنهنجو هردو ۽ آتما سائين کي ارپڻ ڪيو اٿم ۽ ڇئن دشائن تائين مان سولائيءَ سان هٿ وڌائي سگهان ٿو، جي آهن ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش ۽ ان جون چار راهون آهن ڪرم، ڌيان، يوڳہ ۽ ڀڳتي، جن دواران هميشهہ مالڪ جي مهر حاصل ٿئي ٿي. ان مارڳہ کي ڀڳتي چئجي، جيڪا تمام گهڻي ڪنن آهي ۽ وات تي ايندڙ ڪُٻن ڪڏن ۽ ڪندن کان پاڻ کي بچائڻو آهي.

جيئن گيتا ۾ ڪرشن چيو آهي، تيئن سائين بابا جو بہ سنديش آهي تہ ”ڪڏهن بہ ان، ڌن، لباس جي چنتا انهن کي ڪانہ رهندي، جن مونکي دل و جان سان سچاتو آهي. مان پنهنجي ڀڳتن جي رڪشا ڪندو آهيان، سندن گهرجن جو خيال ٿو رکان. هر ويل سندن چڱائي ٿو چاهيان، مان هميشهہ انهن سان آهيان، جيڪي پاڻ کي مون سان سمجهن ٿا.“

بابا لاءِ اَمير چاهي فقير هڪ سمان هئا، هو هر ڪنهن جو اندر جاڻي سگهندو هو. هرڪنهن جي ڳجهن جي ڳنڍ کي کوڙي سگهندو هو. شان، مان، سنمان کان پري ڀڄندو هو. هو بہ عام جهڙو، تو مون جهڙو اِنسان هو، پر حقيقت ۾ هوُ هڪ داناءُ درويش هو. **هوُ ڄڻڪ شرڌيءَ جو ڀڳوان هو.**

ڇو ڪين اسين پاڻ کي پنهنجي گروءَ مٿان نڇاور ڪيون. هن جي پاوَ ۽ ڀڳتيءَ جو چونئر گهمايو، پنهنجيءَ پوريءَ شرڌا ۽ مني موهہ سان سندس سرير تي، چندن لڳايون، سندس جسم کي سچائيءَ جي لباس سان ڍڪيون، سندس چرنن، سوڪيم سنيهہ ۽ اُمنگن جي پاڪ من جا گل ارپڻ ڪيون. آڌياتمڪ ويچارن سان سندس پيشانيءَ تي ڀيوت لڳايون. نمرتا، ساڌنا، ارچنا سان سندس اڳيان سر جهڪايون.

جن بہ سائين بابا ۾ ڌيان لڳايو آهي، جن بہ سندس چرنن ۾ چت لڳايو آهي، اُهي ڏنگن، ڏولاون، ڏکن کان گهڻي قدر مڪت رهيا آهن. تن کي نہ ڪال جو ڊپ رهي نہ اَڪال جي پرواهہ. ان طرح سائين اصليت جون اکيون کولائي، تڪليفن کان ٽلانجلي ڏياري، پاڻ کي سچائڻ جي قوت ٿو بخشي ۽ ساڌڪن جي من کي ڀڳتي مارڳہ ڏانهن ٿو موڙي. سال ١٩٦٠ کان پوءِ سال ١٩٩٧ ۾ مون پنهنجي ڪٽنب پريوار سان سومناٿ جي مندر جي درشن ڪرڻ جي تياري ڪئي هئي. منهنجو ڪکي جيپ جو بندوبست ڪري آيو هو. سامان بہ جيپ ۾ رکيو ويو، جو جيپ جي ڊرائيور اوچتو اسان کان پڇيو، ”سومناٿ درشن لاءِ توهان جي ڪا باس

- هٿ وڌائي گهري اگر تو، ڏيندڙ کي تو سمجهائي،
خالي آيو، خالي ويندو، رهجي دور حضوريءَ کان.
- فقير آهي پنهنجي من جو، سدا سدا جي لاءِ راجا،
هٿ رهي ٿو مالڪ ڏنُ ۾، دور رهي ٿو جهوريءَ کان.
- آديش آهي فقيريءَ جو، ڏيڻ سکو، ڏيندا رهجو،
دل سان دان ڪرڻ ۾ **پياسي** ڊپ نه رهي اٽپوريءَ جو.

٣

ڪٽنب قبيلو، دولت، شهرت کان اڪثر دور رهن ٿا،
اُهي ئي لائق آهن جيڪي بکيا گهري ڪجهه کائين ٿا.
- ڪڏهن ڪين پَڇائين گهر ۾، ملي سو پوڄن کائين،
ٿَن کي ڳيو ڏئڻ سان ڪيڏو پنهنجو پُڄ ڪمائين ٿا.
- ڪي گرهستي يا سنياسي، وانر پَرستي جيڪي،
ساري جڳ کي پنهنجو سمجهي، پوتر ٿان بڻائين ٿا.
- جڳ جا جوڳي، باوا، برهمڻ، بيکه گهري کائي سگهندا،
جيڪي 'پنج سوم' سان پنهنجو پورو نيم نڀاهين ٿا.
- سهيڙڻ، پيهڻ، ڌوئڻ، صفائي، ڏياتيون ڪو ٻاري،
ان ڪرپا ۾ ڪيڏا سوکيم، جيوَ جنتو مارين ٿا.
- گهر گرهستي وارن جي لاءِ، آهه اُهو هڪ پاپ طرح،
ان ڪانپوءِ هوُ پنهنجي گهر ۾ ڪيڏا يگيه ڪرائين ٿا.
- ڀڳوان دئاران هردو پوتر، ٿيندي سوچَ کي ٻَل ملي،
بابا جي درگاهه اَچي هو، پياسي سيس جهڪائين ٿا.

٤

اَٽل اِرادي وارو سائين، مهر جو مينهن وسائي ٿو،
مشڪل ۾ ٿي آيو ڪوئي، هو پورو ڏُس ٻڌائي ٿو.
- جيون سان گڏ مرتيو هردم، پنهنجو فرض نڀاهي ٿو،
سڄاڳ جيون گهارڻ جي لاءِ، هر پل پاڻ پڙهائي ٿو.
- تڪڙ مان ڪجهه ورندو ڪين، ساٿ نه ڏيندي هَستي ڪا،
رات ڏينهن هر مهل ئي هو **'الله مالڪ'** جپائي ٿو.

سنديس شريَ شرڌي سائين بابا جو

غزل سنگرهه

١

خالق چوراسي لک جوٽيون - يگہ ۾ خلقيون آهن،
منش، مرون، جيت ۽ جنتون، پکين جون ٽوليون آهن.
- سرڳ، نرڪ، جل ۽ ٿل، آڪاس ۾ جت ڪت پکڙيل،
هرهڪ ستڪرم وارن جون، الڳ، گڻ صفتون آهن.
- سندر ڪرم ڪرڻ وارن کي، هِت ئي سندر ڦَلَ ملن،
لوڀي، ٺوڳي، چور چغلن کي ٿيون لنيون سهٽيون پون.
- گڻ، اوگڻ جي حساب سان ڪي، بيهر، جنم وٺن ٿا،
بيهر جنم ملڻ وارن کي، ملنديون شڪتيون آهن.
- هن جڳہ جي هر پراڻيءَ لاءِ، ڪاڌو، ڌپ ننڊ موجود،
پوءِ ئي علم، عقل، اٽڪل سان، خواهشيون پلبيون آهن.
- قادر قرب سان هر جيو کي جنم سان حق ڏئي ٿو،
پوءِ بہ ڪو ڪو آهي، جنهن هيءُ ڳالهيون نہ سمجهيون آهن.
- جسم تہ گند، خون ۽ موت جي آهي لنبي ڪهاڻي،
هر منش جي ساڃهہ سان ئي سوليون ٿينديون ڳالهيون آهن.

٢

- شان فقيري آهي اوچو، گهڻو اميريءَ کان،
گهرجون گهٽ، پر اَڪيچار ڏن، آهي اُهو صبوريءَ کان.
- سنت سچو ستگروءَ برابر، پاڻ ۾ مگن رهي سدا،
نام سُمر ۾ مالڪ آهي، مونکي ويجهو دوريءَ کان.
- نينهن اَٿس هرڪنهن سان اَهڙو، مالڪ جو سمجهي وردان،
سادي رهڻي، اوچي ڪهڻي، دور دنيا هِنَ ڪوڙيءَ کان.
- هر پَهر ٿو ڏسي اکين سان، مالڪ جو هو روپ اَنوپ،
ڪين اُداسيءَ يا اُلجهن ۾، هَبچ سموريءَ کان.

- رام ڀڳت هنومان جيان ئي لالچ، موهہ نہ ممتا هن کي،
شڌ وويڪ سان مڪت رهي من، هرڪنهن جو تي دکہ مٽايو.
- عام جيان هن جيون گهاريو، باجهہ ڀريو ڀنداري تي،
’سائين سائين‘ سمرن سان، هرڪنهن کي هُن ڏسُ ٻڌايو.
- مَنُ تہ سدا مچلائيندو آ، اُن لاءِ نام گرن جو ڏيايو،
مڪتي چاهيو، اُتندي وهندي پنهنجو پاڻ کي ائين وندرايو.
- اگر **گروءَ ۾** ڌيان نہ هوندو، ڪين لڳي من سندس وچن ۾،
ان ڪري گر ڪرپا جي لاءِ ڌيان لڳائي ڪجهہ تہ پرايو ۽ پايو.
- **سنگ سنت جو اَهم** مٽائي، مڪت رکي تو جنم مرڻ کان،
پاڪ ٿين ويچار مڙيوئي، غم خوشيءَ جو سَندو مِٽايو.
- سائين جي لاءِ اِها ساڌنا، مالڪ سان ميلاپ ڪرائي،
ترِي ويو سنسار سمنڊ مان، **پياسيءَ** اُهو ئي پئي ٻڌايو.

٧

نِرگڻ، سُگڻ، انترِيامي، سائين ستگر پاڻ سوامي،
برهم روپ ها سائين بابا، مڪڻ روپ ۾ جڻ گوسوامي.
- ديهہ ڌاري هن ستپرش کي، پنهنجو گر سمجهڻ جو حق آ.
جڏهن ڪري تو ڀڳتي پوڄا، ٻڌجي پورو تو نشڪامي.
- سڪ صدق، نرگڻ جي پوڄا، مارڳہ ٻڌجي، سگڻ ديو جو،
ان مان پڌري ٿيندي آهي، سائين جي پوري سَچ هامي.
- سنڪلپ جِڪ بندن وانگر، خواهش کي هو اندر رکڻ لاءِ،
واٽي سائين بابا جي ائين، ٻڌجي جڳت لاءِ ستيہ ڪلامي.
- نرمل واٽي، سنيهہ پيار سان، ڪومل پاوَ رکي ڀڳتن لاءِ،
ديهہ ۾ هن داتار کي هرڪو، نمي سدا تو منش مدامي.
- ديرو دوارڪا مائيءَ ۾ تہ بہ، جتي ڪٿي هوُ پهچي تو،
نديءَ وانگر وهندي آهي، دعا ڌارَ سان بنهہ مدامي.
- ڪين سگهہ اَتم ڪا ايڏي، بابا جو سڀ وستار ڪيان،
پو بہ نانڪ ڪرشن وانگر **پياسي** ڪرت سندس گمنامي.

- 'سوهم' آهيان ۽ برهما 'مان'، 'مان' ۾ 'هو' ۽ 'هو' ۽ 'مان'،
رام ڪرشن، رحمان جو هو ئي، گيتا گيان ٻڌائي ٿو.
- هندو مسلم لاءِ هن سارو، ويڇو ڇڏيو مِٽائي هو،
يوڳي ٻڌجي مهايوڳ سان، هن جڳ جو ڌيان ڇڪائي ٿو.
- وچتر پنهنجي جادوءَ سان ئي، هرڪنهن کي هن پاڻ ڇڪيو،
هن جي حڪم بنان نه ڪوئي، پنهنجو پير وڌائي ٿو.
- پهرين ڏمري، پيار ڪري پو، سيکجهه هو سمجهائي ٿو،
پربوڌ ڏئي پنهنن کي هو ئي، سَت مارڳ پهچائي ٿو.

٥

اُپنشد، گيتا، ڀاڳوت چون ٿا رَبُ آ ساهه وارن ۾،
ڳالهه ڪئي آ ساڳي بابا پنهنجي پوتر مکه وچن ۾.
- سڀ سان سندر هو وهنوار، پيار ڏنو بابا سڀ کي،
جيون موت جي ڳجهي پرولي، سمجهائي هن مَنشن ۾.
- نياءَ ڪرڻ لاءِ ضرور ناهي، ڳوڙهو گيان هجي ان لاءِ،
ستگر لاءِ ائين پختو ويسهه، جيئن ساگر کي ڇولين ۾.
- ستگر پنهنجيءَ شرڌالن جي پٺ رکي پيو ٿو هر پل،
موهه نه ڪنهن سان ڪڏهن نه هو ڀٽڪائي ٿو ڀرمن ۾.
- ڪين ري پرواهه ئي ڪائي، دولت جي يا شهرت جي،
اَرپيو جن آ جيون سارو، مالڪ جي پوتر چرنن ۾.
- سائينءَ کي جن پورو سمجهيو، تن جو ڀاڳ ڀرايو ٿي هُن،
جاتو ڪين ٿي جن سائين کي، فرق رهيا ٿي وهمن ۾.
- مهر ڪئي شرڌي تي ستگر، اوتار وٺي آيو سائين،
ڪم ڪندي، کائندي، پيئندي، لوڪ رهيا ٿا قدمن ۾.
- بيشمار سائينءَ جون ڳالهيون، ٻڌندي هردو لرزي ٿو،
رات ڏينهن، هرپلڪ پهر ۾، سائين **پياسيءَ** جي من ۾.

٦

ڇهن ڳڻن سان پختو ٻڌجي، اوتار وٺي اِنسان جو آيو،
پنهنجيءَ ٻاٽيءَ سان هو، هن هرڪنهن جي هردي کي مچلايو.

- هو تہ رهيو تي ڀڳتن جي هردي ۾ پورو گپت طرح،
وقت، وشئہ سان، سائين ڀڳتن لاءِ، ٻڌيو تي سوپارو.

١٠

سائين جڳتي، سائين ڀڳتي، ڪرتا پرکہ ۽ ڪرٽيءَ هار،
ڪوتَڪ ڪيڏا ڪري سگهي تو، هن جا آهن رنگہ اَپار.
- **جيون** منڙي، ٻاٽي مصري، هرڪنهن سان منڙو ورتاءُ،
مهر ڪري تو سائين سڀ تي، رهيو سدائين بخشڻهار.
- فرض **پريون** تي سوين ڪهاڻيون، هن ٻڌايو پئي هر پل،
ڌرم سچو سمجهايو تي من، هو قادر ۽ هو ڪرتار.
- ساري پرجا آنند ماڻي، هن سمجهيو تي پنهنجو فرض،
پو بہ ڪوئي ڪشٽ اَچي جي، ان لاءِ هرڪو هجي تيار.
- جنم جنم جو ليکو آهي، ڇُٽي نہ سگهندو ڪوئي پراڻي،
ڀڳتي مارگہ پڪڙي سان ئي، سچ پريو ٿيندو سنسار.
- مورت سائين دل ۾ ڌاري، سائين ليلا ياد ڪري،
پاوَ جي جوت سدائين جلندي، مٽجي ويندو غم غبار.
- سائين کي جو شڌ وويڪ سان ڌيان ڪري ۽ جاپ ڪري،
پڪ آ **پياسي** ان کي آهي، سائينءَ جو هر ويل آڌار.

١١

ڪيڏو ڀوڳي ڪشٽ سهي، مسجد ڏانهن جو قدم وڌائي،
پيار پريل نظر سان سائين، يڪدم اُن جو روڳہ مِٽائي.
- سڪ صدق شرڌا سان جيڪو، پيٽ ڌريندو هو بابا کي،
خوش تي قبول ڪندو اُها هو، ساڏڪ ڏانهن نهاري مشڪائي.
- مغروريءَ سان آڻيندو ڪو، پيٽ ملهائتي بابا لاءِ،
ڪين ڪندو سويڪار هو بابا، ڏيندو ان کي هوُ موٽائي.
- ڪلپترو، ڪمالدين، چنتامڻي ڏين ٿا، جو ڪجھ تن کان طلبي تو،
ان کان ملي ملهائتو تعفو، گر سائين ان جي آس پڄائي.
- برهما جو اوتار هو سائين، پو بہ دڪشڻا گهرندو هو،
ڏسندو هو ڏيندڙ ۾ آهي، غرور يا پوري نهٺائي.

٨

ستگر شرڊي سائين بابا - برهم ديو ڀڳوان هئو،
اِنساني اوتار روپ ۾، بابا پاڻ مهان هئو.
- سنتن کان وڌ مهاسنت هو، پنهنجي هر ساڌڪ لاءِ سونهون،
عاقل قابل چڱ نرهنڪاري - ڪيڏو شڪتيوان هئو.
- جوبہ سندس شرنيءَ ۾ آيو، باجهہ جون پريون پريندو هو،
وچتر هن جي هرڪا ليلا، نِمت چِترُ سلطان هئو.
- ڪيڏِن جو تي سائين در تي، ايندي من پرسن ٿيو،
پو بہ سائين ليلا دواران، ان لاءِ چڱ جيءَ دان هئو.
- آس رکي بابا جي در تي - جيڪو تي درشن لاءِ آيو،
بابا جون انمول نگاهون، تن تي هو قربان هئو.
- ڀؤ ساگر مان پار ڪرائي، اوندهہ وهمن جي ڪوٺي،
ايشور جيئن هر هردي ۾ آ، بابا تيئن ڀڳوان هئو.
- البت سائين اِڇا بنان ڪو، ملي نہ سگهندو هو بابا کي،
رکجي پوندا هئا **پياسي**، جن کي بابا لاءِ سنمان هو.

٩

ٿورو ٻوليندو هو بابا - اونهيءَ معنيٰ مطلب وارو،
وزن سندس واڻيءَ ۾ هو، آديش سندس تي ٻڌيو سهارو.
- فقير هئو، گهر گهاٽ نہ هن جو، پتني، گهر نہ ڪو ساٿي،
هڪ ئي نڪاڻي گهاريائين، موهہ مايا کان هئو نيارو.
- دور رهيو دولت کان هردم - پئسي جي ڪا پچڙ نہ ڪائي،
پرڪيو ڪنهن هن هري ڀڳت کي، همٿ رکي ڪنهن ڪين ويچاريو.
- جيڪو مڪت رهي مايا کان، پرميشور سان پريت رکي،
هر پَل، مهر ٿئي تي اُن تي، هرڪنهن لاءِ هو باجهارو.
- ''سائين سائين'' جيڪو چوندو، سائين سدا هجي ان سان،
مهل ڪمهل تي بابا ئي تي، هرڪنهن جو منجهيل ڀاڳہ سنواريو.
- وشواس رکي سائينءَ کي ڏيايو، سادي سودي پَلِ ڀڳتي،
ملندو لاڀ گهڻو انهن کي، سائين هرهڪ لاءِ پيارو.

- ڪري عبادت منهنجي جن آ، دل جي آسڻ اندر وهاريو،
ياڳن وارا ٿين دعاگو، تن کي ڪين وساريان مان.
- وئرٿ تن جي آهه ساڌنا، جيڪي خواهشون ڏارين ٿا،
هجي آدمي گهڻو عقلمند ته به ڏکيو اُنهيءَ کي ساٿ ڏيان.
- ماڪيءَ جهڙي هن جي ٻاڻي، بند دلين جا دروازا کولي،
سک آنند جو اَنيوَ ٿيندي، ڪاش! ٻُڌڪوشڪ رشي هجان.
- ڪوڙي دوا اَهڙي ئي پياري، سنتان جي سک آرام جي لاءِ،
سائين بابا اکيون ٿو کولي، قدرت جي جيئن سونهن پَسان.
- ستگر رکشڪ، ستگر بخشڪ، سک ڏئي هو سيني کي،
دور نه ڪوئي رهي سگهي ٿو، هن جي هردم ٻاجھه ٻنان.
- چيتڪ وانگر ٻاجھه پرئي بادل ڏانهن نت نهاريان ٿو،
مهر جو مينهن وسي جيئن اُن سان، جل جو قطرو جهٽي سگهان.
- **”ست چريتا“** سائين جيون، شبد شبد آسيس **پياسي**،
پڙهندو جيڪو ڦل پائيندو، ٿيندو هو سائينءَ پرسان.

١٤

پختو ٿئي ويساهه ڀڳت جو، سائين ڏئي تن کي آسيس،
سائينءَ کي پڻ اون رهي ٿي، ڏئي سدا سک جو آديش.
- ست سمنڊ تي پار ڪرائي، سائين صبوري ڪشتيءَ جيئن،
پاپُ ڪڍي، پيڙا مِٽجي ءِ ڊپ ڪڍي سائين سنديش.
- غم ۾ غوطا کائيندڙ کي، تاري تارڻ هارڻ بڻي ٿو،
املهه گڻ چڱائيءَ مان ٿي ڪري صبوريءَ جي پرويش.
- خيال سُنا ءِ ڪاڻ گڻ جي آهه صبوريءَ جي خاصيت،
شڪ شبيها دور هٽائي، پرمارٿ ۾ جڻ هميشهه.
- شاسترن دواران ڪيل ساڌنا، گروءَ بنان آهي وئرٿ،
گُرُ هري، شو، وشنو، برهما، گُرُ رام ڪرشن گڻيش.
- ڳتِ گروءَ جي جيڪو پائي، سمت ڏئي تنهن کي سائين،
هردو هن جو ڪومل ڪومل، بڻي اهو جڳ جو جڳديش.
- ڪوبه اَچي ٿو آس ڪٽي، ان تي سائين مهر ڪري ٿو،
ڪين وساري ياڪ ڏناري، هو آ تن جي لاءِ هريش.

- برهم گيان ونڻ لاءِ جيڪو سائين جي در ايندو هو،
ڏسندو پنهنجي اَهم تي هُنَ کي ڪيڏو پورو قبضو آهي.
- صاف نہ جيسين مَنُ آ ڪنهنجو، آتم ڦل ڪيئن پائيندو،
وويڪ ۽ ويراڳہ اُنهيءَ کي پل پل پيو تڙڦائيندو.
- هن جي ڪرپا بنان نہ ڪوئي ويڏُ سِکي ۽ پاڪ ٿئي،
هو ئي آهي جيڪو سڀ کي پئہ ساگر مان پار لڱائي.
- برهم گيان جي راهہ اَڻانگي، سات ڪپي سائينءَ جهڙو،
رمز روحاني اَهڙن لاءِ، **پياسي** ڪوئي قدم وڌائي.

١٢

پريل پندارو منهنجو آهي، مان هرڪنهن کي ڏيندو آهيان،
ان کان اڳ پريڪشا دواران، ڳولهي لائق لهندو آهيان.

- - - - - - - - - - - - - - -

- منهنجي پيٽ توهان لاءِ آهي، مون ڏانهن پورو ڌيان ڏيو،
ويهي هِتِ مسجد ۾ ڪوئي، سگهندو ڪوڙ نہ ڳالهائي.
- لالچ ان هبچيءَ وانگر جو، هڪ هٿ ۾، بيو هٿُ وڌائي،
ڪهڙو گيان ڪٽي سگهندو هو، جيڪو من کي مُٺِ بڻائي.
- جنهن جي من ۾ شهرت، دولت، اون رهي ٿي عشرت جي،
نہ ڪري سگهندو اُهو ساڌنا، من جنهنجو لوڏا پيو کائي.
- ستگر سائين بابا جي آ، برهم گيان وانگر وِرتي،
هرهڪ جي لاءِ هن جي من ۾، سڄاڳہ هردم آ پنهنجائي.
- پاڻ سڃاڻڻ واري منشا، ور ور من ۾ رکجي چو نہ،
بابا اهڙو اصول **پياسي** هرهڪ کي ٿو خود سمجهائي.

١٣

پرپور اَتم خزانو سارو - کُهري اگر ڪو، ڏئي سگهان،
ان جي پهرين ونې پريڪشيا- پوءِ ئي ڪيس لائقيءَ جو ڏيان.
- هٿ بڌي پوريءَ شرڌا سان، رات ڏينهن ڪيس ياد ڪيو،
سَتِ سمند پل پار هجن، پوءِ بہ تن سان ساڻ هجان.

- سپنن ۾ سائين ايندو آهي، سکيا ڏيڻ جي لاءِ **پياسي**،
جو ڪجھ ڏيندو، خبر نہ پوندي، پاڻ کي ٻاڻ اڻڄاڻ چوي.

۱۷

نمرتا سان هٿ ڦہلايو - آنءُ اوهان سان آهيان ساڻ،
ديهہ دواران منهنجي هستي، ڏسي بہ ڇو تا ٿيو اڻڄاڻ.
- آسڻ تنهنجيءَ دل ۾ ناهيم، ٿيس سدا هرڪنهن جي ويجهو،
پو بہ ڪيڏا مالڪ اَهڙا، جن نہ سڃاتو مون کي پاڻ.
- نرهنڪار آڪار مان آهيان، پونءِ، هوا، پرڪاش ۾ پرگهٽ،
ساگر لهرن اندر سمايل، آهيان مان موتين جي کاڻ.
- سپنن ۾ سمجهايان سڀ کي، گيان ڏيان اَگيانيءَ کي،
روح رُخا جي ڏيان نہ ڏيندا، ڪيئن ڪيان تن جو نرماڻ.
- محنتڪش مزدور کي ڪم جو، دام تہ ڏيڻو ئي آهي،
ڪين ڪجي پورهيت سان ڪائي، دام ڏيڻ ۾ ڪا ڇڪتاڻ.
- ”پريم سان، ڪن کي سائينءَ پاتو“ اَنا ٻاپو ائين چوندو هو،
’اُڙِي‘ ڏئي سڪ ساڻ نهارڻ، هن جو عيب پريو مانداڻ.
- ويدَ گيان سمجهڻ جي لاءِ، گيان اُپنشد آهہ ضروري،
”وسي تو جت ڪٿ واهگرو‘ اَهو ئي سائين جو پرماڻ.
- پاڻ ۾ پورو ڀَسي منش کي، مالڪ جو سنسار سڄو،
سمجهي تو چت آتم ۾ ئي، آهي سارو هيءُ برهماڻ.

۱۸

ڀڳتي مارگہ سولو ناهي، هر قدم تي ڪشٽ ۽ پيڙا،
شاستري گيان بٽي اَڌورو، راهہ ۾ روڙا، دکہ پڻ ايندا.
- گرو نہ جيسين سهاءِ ٿيندءِ، پستڪ پوٿين مان ڇا ورندو،
ڪين سٽائي راهہ روحاني، نَت نيم نہ هوندا پورا.
- ويد، ويدانت، پُراڻن ڪانپوءِ بہ، ڪي ڪي تا اڻ ڄاڻ رهن.
جيسين گيان هندايو ناهي، رتين، سڌين جا رِنگہ اَڌورا.
- سرونڻ، سمرڻ، ڪيرتن، ارپڻ، سنسڪار ۽ چرن چمڻ،
شيوا، نمرتا، ديا تا بٽجن، ڀڳتيءَ جي لاءِ فرض سمورا.

١٥

ڪين گرو گر حاضر آهي، سندس ڏاريو چتر من ۾،
رات ڏينهن ئي سنگ سدائين، ڏيان ڪندي تو درشن ڏئي.
- بابا ليلائن جي دواران راھ سچيءَ جي چاڻ ڏئي،
من جي مستي وجي اُڏامي، شانتيءَ جو احساڻ ڏئي.
- ڏيان سان سڀ مٽجي ويندو، من ملندو پڻ مالڪ سان،
سوپ پلي سا آھ اوهان جي- سائينءَ جي هردم مهر رهي.
- جيون جون انمول گهڙيون جو ماڻي تو سک پائي تو،
چڱا ڪرم ڪري جيون ۾، ٻيهر منش جنم پائي.
- ڪيڏا اُتم ڪرم ڪري تو، مڪتي پائي هر دک کان،
سرير پاڪ پوتر ڏيرو، سک آسيس آنند ملي.
- پاڻ رکي ويچار اندر ۾، پيار ڏئي اُپڪار ڪري تو،
نندا ڪري يا نيڪي ڪوئي، پاڻ ئي خود بابا جو چاهي.
- ڪانھ گهڙي يا وقت نڪاٺو، مهر ڪري بابا سڀ تي،
جيڪو چوٹو هوندس من ۾ منهن تي ان کي اهو ٻڌائي.

١٦

ماڪيءَ مٺڙن ٻولن سان، سائين تو پرماڻ ڏئي،
مونجهه مِٽي ءَ دل ۾ تو، آنند جو اَحساڻ ٿئي.
- اعليٰ آ اوتار اهو ئي، ساڌن سنتن کان نيارو،
لوڪن جي لاءِ سائين بابا - سُک سَدا نرماڻ ڪري.
- سائين جي هر لفظ لفظ جو، اثر وڏيءَ اهميت وارو،
ڀڳتن جي پوريءَ ڀڳتيءَ کي، مالڪ مهرجا ماڻ پري.
- پاپ ڪشٽ ويندا مِٽجي، اگر صبوري آ من ۾،
پيڙائون، تڪليفون، دقتون، سائين سڀ جون ڪري پري.
- ڪين ونو ڪو منتر ڪنهن کان، سائين جو اُپديش ڪٺو،
گروءَ تي پورو رکو ڀروسو، هو ئي تو دک دور ڪري.
- چڱن ڪمن لاءِ جائو آهين، اِنسانيت کي پرکڻ لاءِ،
جتي ٻه آهين، جتي ٻه هوندين، شرڌيءَ کان تيءُ ڪين پري.

- اِنسان آ طوطي وانگر، بند جسم ۾ يا پڃري ۾،
باندي بڻجي جيون گھارڻ، تن لاءِ گھر موافق هو.
- ستگر شرتيِ سمجھہ ڏني آ، پوري مکتي پائڻ جي لاءِ،
سائين تن مجبورن جي لاءِ، پورو پختو پالڪ هو.
- بابا جي ڏوٽيءَ مان ڪوئي، لڪڙيون چورائي ڪٽندو هو،
مُکہ مان اکر نہ ڪڍندو بابا، پاڻ ئي مهر جو مالڪ هو.
- شِش اُهو جو ستگر جي شيوا ۾ هردم ڦڙت رهي تو،
'شياما' شش سدورو جيڪو، گھڻگھرو ۽ چاهڪ هو.

۲۱

جيسين هَٺ اَهنڪار نہ ويندو، ساٿ نہ ستگر جو رهندو،
بابا جي ڀڳتيءَ سان بهتر، هرڪوئي آنند ماڻيندو.
- جڏهن نہ بابا موج ۾ هوندو، مذاق ڪندڙ هو ڀڳتن سان،
پاڻ تہ ڪلندو پر حاضر ساڻس، هرڪوئي پيو ڪلندو هو.
- ڇهاءَ، عقل ۽ مَن پوري سانُ، پسجي مالڪ جي سندرتا،
جو ڀي خلقيل مالڪ جو آ، ياد ڪندي سک پائيندو هو.
- پريت پريوءَ سان جوڙي جيڪو، شڌ گيان کي پائي تو،
وڏندو گيان اُنهيءَ جو ازخود، وويڪ سندس جاڳائيندو هو.
- هن طرح جا ٻوجھہ پوي تي، ياد سمايل، بابا جي ان ۾،
ويچارن ۾ ڏسندي صورت، چرنن تي ڪنڌ جهڪائيندو هو.
- شيوا لاءِ ڏسيندو تن کي، جن کي لڳن هجي شيوا لاءِ،
ڀڳت، شش ۽ هرڪو ساڌڪ، شيوا هن جي چاهيندو هو.
- ڪنهن بہ ڪم ۾ ڏسي رڪاوٽ، ڏمرُ ڪين ڪندو هو سائين،
پوءِ بہ پنهنجيءَ مشڪ منيءَ سان، هرڪنهن کي پائيندو هو.

۲۲

مَهر ڀريو مهراڻ هو بابا، سُکہ سچي جو ساحِل هو،
پار برهم يوگيشور سائين، راڄ ڏٽي ۽ راوَنل هو.
- سمپورڻ ويساهہ رکي جو، سائينءَ دئاري ايندو هو،
چاهيندو، سو پائيندو هو، اگہ تي چڙڪ بڏايل هو.

- جپ، تپ، يوڳ، ٻيا ڪي ساڌن، آهن ريت روايت وارا،
پوريءَ نشنا ٻنان نہ ڪوئي، سمجهي سگهندو اِها وارتا.
- عظمت بابا جي آ اوچي، ليلا هن جي اَپرم پار،
پار برهم پرميشور وانگر، جت ڪٿ هن جي آهہ اَرچنا.
- پوري ڪيئن ٿئي اُها ساڌنا، ريت سموري ڪو سمجهائي،
جيون جي روحاني مَنَ ۾، ڪيئن ڪجي شُڌِ پاڪ وندنا.

١٩

سَچَ جو ساٿي ٻڌجي من سان، اَهمِ چِڏي نرمل ٻڌجو،
جن جن من سان پاتو آهي، آهي اُنهن جو آ ڀاڳ پريو.
- وڏي ساڌنا ڪري وِڏيءَ سان، برهما جي ٻَلَ ڪي پاتو،
پوءِ ئي ڀڳتن جي من جو، سانتيڪو حال سندن چاتو.
- انت نہ هن جي ليلائن جو، خوش ٿي، بادل برسائي،
حڪم ڪيو اگنيءَ کي هڪدم هن جي جَڙَ جو جوش گهٽيو.
- دوارڪا مائي درد گهٽائي، ممتاميہ ماتا ٻڌجي،
جنهن جنهن هن جي هنج وسائي، ڪشٽن کان ٿي مڪت رهيو.
- ڪڏهن خوشيءَ ۾ راڳہ چوي ٿو، ٺهڪ ڏئي ءِ نرتيہ ڪري،
سانت ۾ گنڀير ٻڌجي جڏهن، ائين لڳي خالق آ ٿيو.
- جڳہ سارو آ سندس مُٺ ۾، هو آ جڳہ داتار جيان،
من جو موجي مهان هو هوُ، جنهن بہ هن کي پورو سمجهيو.
- نانگہ، وڇون پڻ سندس حڪم ۾، ڪين رسايو رنج تن کي،
جنهن تي، مهر جي نظر ڌري ٿو، ڀاڳيوان ئي ٻڌجي ٿو.

٢٠

پَل تہ هو اوتار جيان هو پو بہ چاڪر مالڪ جو،
جيون جي هر پلڪ پهر ۾، هردم حاضر مالڪ جو.
- گڻ گروءَ جا ڳائيندي هو، ڳُچ ڳُچ آنند پائيندو هو،
ڀڳتن لاءِ ڀڳوان جيان هو، عام لاءِ ظاهر سالڪ هو.
- هن جون ليلا پريون ڪٿائن، ڪيڏن جو من ناريو ٿي،
هرڪنڌن جو دکہ هڪدم جاٽي، ٿيندو پاڻ سهائڪ هو.

- گيتا گيان کي ڄاڻي، پوءِ بہ ارٿ ٻين کان پڇندو هو،
غلط ارٿ کي صحيح ڪرڻ سان، ڪندو هو عاقل کي آگاهہ.
- گرنٿن مان گيان ڏيڻ کان پهرين، بابا کان اڳہ پڇندا گيانءِ،
سولو سمجهڻ ٿيندي پوئي، بابا جو گرِ ٿئي ڇهاءُ.
- پاپن کان تو نام بچائي، ڪڏي برائين جي عادت،
جنم مرڻ جي ڦيرن کان تو، نام ڏئي خود گپت بچاءُ.
- ڪيڏو آ سولو سادن، ڪيڏو ان جو آهي اثر،
’وشنو مهاسرانام‘ رٽڻ سان ڪندو هو بابا هر پل آگاهہ.
- هجي پلي ڪو اڄو گياني، بابا جي پر ٿئي نماڻو،
سمت ڏئي تو سائين ان کي، جيئن نہ جيءُ ٿئي گمراهہ.
- شش گروءَ جو ناتو آهي، پريم، شيوا ۽ ڀڳتيءَ جو،
جيون موت ۾ فرق نہ تن لاءِ، هو ٻئي جي لاءِ همراه.

۲۵

سپنن ۾ درشن ڏئي انهن کي، اَچرج ۾ آڻيندو آهي،
وجهہ ملندي ئي وري اُنهن کي سارو سچ سمجهائيندو آهي.
- ڀڳتن کي تو سمجهہ ڏئي ۽ ٻوجهہ ابوجهن کي ڏئي هر پل،
ستگر کي ساٿي پنهنجو سمجهي، دل جو حال ٻڌائيندو آهي.
- بي خياليءَ ۾ پلجي ويندو ڪم ڪوئي ڪو بابا جو،
الڳہ طرح ۽ الڳہ طريقي، بابا ياد ڪرائيندو آهي.
- ڪنهن کان اوڏر وٺي اَچي ڪو، بابا جي درشن جي لاءِ،
غلط سمجهي اهو طريقو، سائين ڪيس شرمائيندو آهي.
- هڪ ڏهاڙي رات جي وڳڙي، بابا کي ڪنگهہ ستايو هو،
”ڪنهن تہ نظر لڳائي هوندي“ بابا چئي وساريندو آهي.
- من ۾ ڪُبڌيا رکي اَچي ڪو ٻچي نہ سگهندو سائينءَ کان،
اَندرُ ان جو ڄاڻي بابا، ڪين ڪڌهن ورجائيندو آهي.
- ڪٿي بہ اَچڻ وڃڻ جي لاءِ روڪ نہ هن کي ڏارين جي،
ضرور پوڻ تي ڪٿي بہ سائين ڪن ۾ پهچي ويندو آهي.

- دور ڪري ڊپ ڏانهون ٻڌجي، ساٿي سورن وارن جو،
سَهي نہ سگهندو جي ڏکہ ڪنهن جو، ٻاهر چِپ، من گهايل هو.
- آڪاس اُڏامڻ چاهي، جنهن کي هيڇ هجي حَد ڪان بہ وڌيڪ،
اَڏُ روئيءَ تي راضي رهندو، جيڪو اڳہ ئي ٻڪايل هو.
- شنڪا من ۾ ڏاري پر جي ڪليءَ دل سان ڪين ڇوي،
سائين سچ ڇوي جڻ هن جي، ڇهري تي اڳہ لڪايل هو.
- ڪٽڪ، ڪپهہ، چانور، دالين ۾ بدلاءِ اگر ڪو چاهي تو،
وشواس رکي سائينءَ وٽ آيو، چٽڪ اُتي گهرايل هو.
- وڻ تي انب رهن تا ڪيڏا، ان مان جي هڪ ڪري پيو،
ان طرح هرڪوئي ويندو، هن جڳہ ۾ جو آيل هو.

٢٣

ڪشٽ ڪليش ڪنهن پيڙا ڏکہ ۾ وڏو سهارو مالڪ جو،
هو ئي آ ڏکہ ڪاٽڻ وارو، لاڙو هجي سهائڪ جو.
- سنت تہ آهن پريوءَ وانگر، منش جي پوري ڪن منشا،
نمرتا سدياونا وارن ڀڳتن جي لاءِ اُپاسڪ هو.
- سچو ڪوتو لکيو ڪرم جو، آخر ڦل ملندو ئي آهي،
ڀوڳڻ واري پراڻيءَ جي لاءِ، پورو پاڻ ئي پالڪ هو.
- ڇو نہ ڪرم جو ڦل ڀوڳي، هن ئي جنم ۾ مڪت ٿجي،
شرڻ وٺي ان سائينءَ جي، جو پاڻ ئي اُتم ملائڪ هو.
- سائين جي چرنن ۾ آهي، شو، وشنو، برهما آستان،
اِڇا پوروڪ سائين بابا، هو ئي خود ڪرتارڪ هو.
- سائين ليلائون پڙهندي، نيرُ اکين ۾، اُدما دل ۾،
ائين لڳي خود سائين بابا، سکہ آنند پرچارڪ هو.
- ويدُ نہ مايا سمنڊ اُتاري، ستگر جي پوريءَ مهر بنان،
ڀڳتن جي ئي ڀڳتيءَ ڪاتر، سائين خود اَڌياپڪ هو.

٢٤

سائين هو شاهن جو شاهہ، رهيو سدائين بيپرواهہ،
هرڪو ڪيس ڏيائيندو هو، جن کي پورو هو ويساهہ.

- وهٽ نہ ڪنهن وٽ هجي تہ، اُن جو پربنڌ پاڻ ڪري،
پيارن ششن پڄڻ جي لاءِ، سائين صدق هر پهر ڪيي.

٢٨

سنسار سچو آ درخت وانگر، پاڙون هيٺ مٿي ٽاريون،
ڦهليل آهن ڳُرُڻ پنن جان، ٽاريون، ڦل ڏيڻ واريون.
- ويد ويدانت پڙهندي پوءِ بہ، سڦل ڪين سفر گروءَ بن،
هٽ وني تو هلي ماڳہ تي، اَچن پلي لاهيون چاڙهيون.
- شاستري گيان اَپوڳو تن لاءِ، ڪين گروءَ لاءِ ارپڻ من،
بنجاري جيان ڪوشش نسڦل، اگر هجن نہ پوريون تياريون.
- موڪہ وانگر رُلن پنَنِ تہ بہ، ڪاريہ تن جو اڻپورو،
گروءَ بنان هن جون پوريون، تين من جو مرادون ساريون.
- گر شبدن ۾ آهي شڪتي، گروءَ جي آهہ ديا جي درشٽي،
خالق خيال رکي خلقن جو، سندس دعائون اهميت واريون.
- مات، پتا، گڏ گرو آ منهنجو، سدا ساڻ آ مون لاءِ رهبر،
گرو آ مون لاءِ جيون جوتي، گرو اکيان منهنجون نيزاريون.
- ”ڪوٽِ ءِ ڪَڻُ پر سارو تيلهو، جهولي پر آتم پونجيءَ سان،“
چوندي بابا نينهن نگاهہ سان، مڙيوئي، طلبون هُنِ سنواريون.

٢٩

اَبو بہ هو آ، اَمان بہ هو ئي، هو ئي سڀ جو نگهبان،
’منهنجو تنهنجو‘ فرق مِٽائي، سڀ کي ساڳيو ڏئي تو گيان.
- قرض ڪنيل اڳلي جنمن جو، لاهڻو هن جنم ۾ آهي،
سکيا ڏنائين جڳہ کي اَهڙي، جيئن سمجهي هرڪو نادان.
- دوارڪا مائيءَ جي آڱنڌ ۾، سمهي ڳوڻ تي سِرَ وهاڻو،
سادو جيون گهارڻ جي لاءِ چٽڪ سندس هو هيءُ وردان.
- مهما هن جي اَهڙي آ جو، خاڪ کي **اُڙي** چوي صدق سان،
خاڪ کي پاڪ چئي سمجهايو، خاڪ تو آخر ٿئي اِنسان.
- ايڏو جادو هئو اُڙيءَ ۾، روڳہ سريري دفع ٿين،
پٽ، پيءُ، پتني، متر ڪن، ڪين اُنهيءَ ڪان وڌ بلوان.

٢٦

دکشڻا ۾ جو وٺندو هو، دان ۾ ڏئي ڇڏيندو هو،
ھُن ۾ ايڏي هئي سناخت، سندس هئي هيءَ غئب شخاوت.
- جنهن بہ ديو ۾ پرورسو جنهنجو، درشن ان دواران تيندو،
وشواس، وندنا، شرڌا دئاران، سائينءَ جي اڏپوت ڪرامت.
- ڪرم جو ڪيتو اڳئين جنم جو، ڪنهن بہ جنم ۾ ملي سگهي،
ڪشٽ دور ڪرڻ لاءِ پوءِ بہ، بابا جي هٿ ۾ هي برڪت.
- شڌ مارڳہ تي آڻڻ جي لاءِ، ساڌڪ کي سمجھائيندو هو،
وني اللھ جو نالو سائين، پاڻ ئي پاڻ ڪندو هو رحمت.
- شڪ ۾ سختيون دور ڪري، وشواس وڌائي ڪرپا سان،
پوري پرکہ ڪرڻ کان پوءِ ئي، ملي سگهي سائين جي محبت.
- سپنن کي ساڪار ڪرڻ ڪو، سائين لاءِ ڪٺن نہ هو،
لوڪ عجب ڪائيندا هئا، ڏسندي هيءَ سائينءَ جي عظمت.
- ڪين هئي ڪنهن کي ڪا طاقت، سائين کان راز پڇي سگهجي،
ڪوبہ نہ سمجھي سگهندو **پياسي** مهاپرش جي غئبي عبرت.

٢٧

سڪ سان سڀ پڪارين سائين، جن کي هر پل مهر ڪپي،
هو ئي ستگر الوڪڪ سائين، باجھہ سندس هر پهر ڪپي.
- جيڏانهن نظر ڪٽي هو نهاري، ان جو ڀاڳہ وَري هردم،
چاھہ رکي جو ھُنَ در آيو، نِمي تو، چاهي خَيرُ ڪپي.
- نعمت تي سائينءَ جي نمکي، اُپ ۾ تارن وانگر جا،
مکت تين مجبور هئا جي، هرجيوَ کي جڳتي لهر ڪپي.
- من جو سکہ شانتي نہ رهي، جيون سارو زهر بڻي،
بابا درشن دل ۾ ڏاري، پيار سندس هر پهر ڪپي.
- ڪيئن وڃجي سائين در تي، جيئن ملي سائين سپرس،
من حي مونجھہ مٽائڻ ڪاتر، اڳوات ئي پوري سهيڙ ڪپي.
- صدق رکي سائينءَ در ايندو، سائينءَ کي ڏسندي روئندو،
سائين سان سنمکہ تيڻ لاءِ، نير جي بدران نهر ڪپي.

٢١

بابا دان نہ گھرندو پر ھمٿائيندو ھو اَھم ڪيڻ لاءِ،
آتم چاڙھي مٿي چڙھڻ ۽ دل مان ڪوڙو پرم ڪيڻ لاءِ.

- بابا جي ھر شبد شبد ۾ پريل ھو معنيٰ جو مھراڻ،
ان ڪري ئي ڀڄھارتن ۾ سيڪاريو ھن تي ڌرم ڪرڻ لاءِ.
- روز مرھہ جو سائين جيون سولو سمجھڻ ھو نہ سين لاءِ،
سانت ۾ سوچيندو ھو سائين، ڪلندو نچندو ڪرم ڪرڻ لاءِ.
- قدرت جي ھر ڪرم ڌرم سان گھٽو ئي ڀجھہ ھن چاتو تي،
ھن سمجھايو ھر سالڪ کي، رستو سولو ست ڪرم ڪرڻ لاءِ.
- سائين اصل ھو آتمارام، ھن جو ھر ڪرم نشڪام،
سائين آھي جڳ جو داتا، ڪشٽ ڪشالا نرم ڪرڻ لاءِ.

٢٢

نمون تا سائين تنھنجي در تي، تنھنجي مھر سين لاءِ چاھت،
تون ئي مڪتيءَ جڳتيءَ وارو، تنھنجو ھر اِشارو رحمت.

- تون روحاني رھبر برھما، ٻاجھہ ڪپي ٻانھنِ تنھنجن کي،
شربي صاحب پاڪ پوتر، جت سائين جي عظمت پرگھٽ.
- سائين صورت آھہ الاہ جي، سائين کي ھرڪنھن لاءِ محبت،
چرن ڪمل سائينءَ جا جت، مسجد اعليٰ ٻَٽِي عمارت.
- شڌ آتما سائين بابا، جيون چمڪي جواھر وانگر،
ڏيڻ ۾ سکہ پائيندو ھو، ڏيڻ سندس ھو اعليٰ عادت.
- ذات پات جو ڀيد نہ جنھن ۾، ھرھڪ لاءِ حب ھئس گھٽي،
مسجد اندر ڏُکندڙ ڏوٽي، ڪيس نہ ڪنھن لاءِ من ۾ نفرت.
- نمان ٿو پنھنجي گرو ديو کي، ملي ٿو ان مان ئي سنتوش،
اھم ڪڍي ڪو نمي نياز سان، ھرڪو ان مان ماڻي راحت.
- اِنساني چولي ۾ ھو، نرگڻ، ست چت آنند سائين،
سنسڪار ھو ھن جو اوچو، ست چيتنيہ سائينءَ جي اھميت.
- جيوَ آتما، جھان، جسم، الڳہ نہ ٿا ھڪ ٻئي کان ٿين،
سوچڻ ۽ سمجھڻ جي ڪاتر، گيان ڌيان جي ھجي صداقت.


- اُڙيءَ اَصلُ نقل سمجهايو، دکشا موهہ کان مکت کرايو،
پرساد اُڙي هرڪنهن کي ڏيندي، مليو تي ان کي چڻ وردان.
- اُڙيءَ ۾ برڪت اهہ اللهہ جي، ڪرشمو اُن ۾ قادر جو،
ڀڳتن جي لاءِ اها ڀيوتي، سائين جي آسيس سمان.

٣٠

من جي سُرتي سيڪاري تي، اَمرُ، اَبي گر جو ستڪار،
ويچار ولوڙجي پاڪ ٿين تا، مهر گروءَ جي هجي اَپار.
- ڌرم، اَرٿ، ڪرمن سان گڏ، موڪش ملي گُر جي ڪرپا سان،
ڪيڏا اَچن سائين جي در تي، تن جو سائين ڪري اُڌار.
- ڪين رکي اُپواس سرير کي ڪشٽ نہ ڏيندو هو تَن کي،
خالي پيٽ ۽ ڪليل اکين سان، ياد ٿي ڪين پوي ڪرتار.
- سڦل ساڌنا ٿئي تڏهن تي، سرير ۾ سگهہ پوري هوندي،
من، تن، اندرين جي شڪتيءَ لاءِ، کاڌو بڻجي تو آڌار.
- *”بيد“ ۾ ڪم ڪندي سائينءَ کي پگهار، پٽڪو، شال ملي،
محنت جو ڦل، گر مايا سمجهو، ڪين رهي ڪنهن وٽ هردوار.
- من جي موج ۾ اَچي جڏهن، گيت اُڙي جا ڳائي سائين،
رام کي ياد ڪندي چوندو هو، ”آءٌ پري ڏيان ڀيوت“ پندار.
- ڪم ڏکيا ڪيڏا پل هوندا، سائين سولا ڪري انهن کي،
پو بہ چوندو ڪري تو مالڪ، جيڪو آ جڳہ جو اوتار.
- تعويذ اُڙي ۽ ’وار‘ بابا جو، محنت سنواريو هڪ ڀڳت جو،
روحاني ترقيءَ سان ساڌڪ، ڪين ڪڏهن بڻجي بيڪار.
- اللهہ، خالق، پالڪ تو پرگهور لهي پيو سيني جي،
تن، من، وچن ڪر ارپڻ، هو ئي هر دکہ ڪاٽڻهار.
- هوندو جيڪو نصيب ۾، ٿئي اهو تو هرڪنهن سان،
سائين کي سڀ شاهد ڄاڻي، سائين جي پچار پيا ڪن.

(بيد-*Bed)، مرانوا ڙا جو هڪ شهر، جتي مان خود هڪ ڏينهن لاءِ نوڪريءَ جي دؤران رهيو آهيان. ڪ.پ.)

Why Fear
When I am here



SAI BABA

If you look at me
I look to you

سائين جڳ پرڏان

اِها هڪ حقيقت آهي تہ ستگرو پنهنجن شِشن جي گڻن اوگڻن تي نظر رکي ڪين صلاحون ڏيندا آهن، جيئن سندن پاونائن ۾ ڦيرو اَچي ۽ هوُ جيون جو رهسيہ سمجهي سگهن، پوءِ بہ ڪي تہ پنهنجي ستگروءَ جي سکيائن کي پاڻ تائين محدود رکندي، انهن جو ڦهلاوَ نہ ڪرڻ سان ائين پائين تہ گروءَ جو اُپديش عام جي اڳيان اَچڻ سان اهو مقصد هيٺ تي پوندو. هيءُ نيم صرف سڄاڳيءَ جي حالت ۾ نہ پر سُپنن جي حالت ۾ بہ لاڳو رهي، مثال طور ٻڌاڪوشڪ رشيءَ جيڪو 'رام رکشا سوتر' ڇپايو اهو سندس سپنن جي آڌار تي ڏنل هو، ٻڌل ڳالهين تي آڌارت هو، ستگرو سائين بابا بہ اسان جي ٻڌيءَ جون ڪڙڪيون کولي، پنهنجي ايشوري ليلائن جي سونهن تو پسائي جيڪي اسان جي من جي ڪومل پاونائن کي لپائين تيون ۽ ان کان پوءِ اَسان جي آشائن ڪامنائن کي اڳتي وڌڻ ۾ روڪ تيون وجهن. وويڪ پنهنجو پاڻ ويراڳہ طرف رخ تو رکي ۽ خوابي حالت ۾ پڻ اسان کي اَهڙا پٽڪا ٻڌڻ ۾ اَچن ٿا، جي اسان جي ويچارن کي وائکو ٿا ڪن. هيءُ سڀ تڏهن تو ٿئي، جڏهن اسان کي سنتن جي سنگہ جو لاڀ تو حاصل ٿئي. مالڪ پاڻ اَچي تو سهاءِ ٿئي ۽ بعضي ڀڳوان جا ڀڳت بہ ڊوڙي اَچي مدد جو هٿ ڊگهيڙين. اهي

- جتي ٻه چاهي پهچي ويندو، ڪين ڪپي گاڏي يا موٽر،
ڀڳتن سان تي ائين مليو، ڄڻڪ اُنهن سان گهري محبت.
- وجيه دشمي جي ڏينهن سارو نگر تيو سيني سامهون،
”هاڻ ٻڌايو ڪير مان آهيان، هندو-مسلم يا عام رعيت.“
- لوڪ اُتي ڊپ ۾ پرجي ويا، ڪر ڪُڇي ڪو اکر وات مان،
سانت ٻٽي پوءِ لباس اوڍي، ختم ڪئي هُنَ عام شڪايت.
- انت سمي جي جاڻ اڳيئي، پڌري ڪئي اڳه هئي،
ڏينهن دسهڙو هوندو، جڏهن جڳت جي ماٽيندو جنت.
- ڪير چوي تو اَڄ هوُ ناهي، آهه وسيل ڀڳتن جي دل ۾،
سنسمرڻ بابا جو آهي، هر شش شيوڪ جي لاءِ دولت.



بابا سائين پنهنجي دائم مڪتي ڌام جي ياترا جي اڳڪتي ١٩١٦ع ۾ ڪئي هئي، پر ٻن سالن ڪانپوءِ ١٥ آڪٽوبر ١٩١٨ع تي بابا پنهنجو ناسونت سرير ڇڏي، ڏينهن جو ۴-٣٥ بجي اَمر ڌام جا راهي بڻيا ۽ آخر ۾ هن پنهنجو لباس، مٽي تي ٻڌڻ وارو وستر، ڪفني، لنگوٽ، نوڙي ڦاڙي ڌوٽيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ۽ ائين ئي ڌوٽي جو شماع گهٽو وڌي ويو، بابا جي چمتڪار جي شاهدي ڏڻ لاءِ بابا شرڊيءَ ۾ اٽڪل ٦٠ سالن تائين رهيو.

نهاريو مان بہ توهان سان ئي هوندس. مسجد ۾ ويهي مان سچ ٻوليندو آهيان، ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪين. هٿ نہ آهي ساڌنا جي ضرورت ۽ نہ وري ڇهن شاسترن جي. پورڻ وشواس ۽ ويساهہ رکڻ بہ گروءَ ئي تو سيکاري.هو توهان جو مرشد آهي. گرو ئي ڪرتا آهي. گرو ڇٽڪ تپسيا آهي. جن گروءَ جي گڻن کي پوريءَ ريت پاتو آهي، اُهي آهن نرسنهہ هري، ميرا ۽ رها جو ئي ويچار، ڇو تہ اُهي آهن شنهہ، شو ۽ برهما.

جڏهن بہ بابا جي آرتي ٿيندي هئي/آهي تہ وايومنڊل ۾ سڳنڌ ڦهلجي ويندي هئي ۽ هرڪو من ۾ اهو ئي چاهيندو آهي تہ هميشهہ سائين ڪيس سوپارو ڪري، وويڪ شڌ رهي، ويچار پاڪ رهن، علم جي بخشيش ٿئي.

بابا جا وچن صدق پريا ۽ امولڪ هوندا هئا، انهن کي دل ۾ هنڊائڻ سان گهڻو ڪجهہ حاصل ٿئي. سنبنڌن ۾ چڪ رهي. ڪوبہ ڪنهن کان ڊار نہ ٿئي. ڪڏهن بہ ڪا پسون يا جيو آتما توهان طرف وڌي اَچي تہ اُن جو آءُ ڀاءُ ڪيو. ڪيس لوڏي نہ ڪڍو. ڪو بہ جيو ڪنهن وٽ ايندو ئي تڏهن آهي، جڏهن ڪيس ان لاءِ ڪو لڳہ لاڳاپو هوندو آهي. اَهڙن جيون جي خوشيءَ ۾ ئي مالڪ جي خوشي لڪل آهي. جڏهن توهين اُڃايل کي پاڻي تا پيئاريو، بکايل کي روٽي تا ڏيو، ننگي کي وستر تا پهرايو، ڪنهن مسافر کي پنهنجي جهڳي ۾ آرام ڪرڻ لاءِ جڳهہ تا ڏيو تہ اهي سڀ خوشيءَ سان ڏيو، ڪنهن کي خالي موهہ جي گهرج هجي تہ ڪيس ڇڙٻ ڏيئي ٻاهر نہ ڪڍو يا ڪيس ڏکي ڪڍو، اهو اِنڪار ڪرڻ کان بہ بدتر آهي. ڪنهن سان ڪوڙ نہ ڳالهايو. پل اڳلو توهان سان ڪيترو بہ بدشد ڇو نہ ڳالهائيندو هجي. اگر توهين اهي سڀ ڳالهيون سهن ڪندا تہ سکي رهندا. پل لفظ کهڙا بہ کسارا ۽ ڪوڙا ڇو ڪين هجن. توهين پنهنجن اَصولن تي اڏول رهو. اوچ نيچ، فقير امير جي ديوار کي ٽوڙيو. سانت ميہ جيون گهاريو. اهنڪار کي تلانجلي ڏيو تہ توهان لاءِ هرڪا وات سٺائي تي پوندي. نافرماني ۽ لاغرضائيءَ کي جيءَ ۾ جاءِ نہ ڏيو. پنهنجن اصولن تي اڏول رهڻ سان مالڪ بہ توهان تي راضي ٿيندو. هو ئي سرجڻهار، ۽ نماڻن جو ماڻ آهي. سندس هر ڪم جي ريت ئي نرالي ٿئي. بنهہ الڳہ، جنهن جي ڪٿ ڪرڻ بہ ڏکي. صلاح سدائين ڏيندو، ڇٽڪ پاڻ ۾ ڳنڍ وينا آهيون، تہ پوءِ ڇو ڪين پاڻ ۾ مِٺ محبت سان گهاريو. هڪ ٻئي لاءِ مددگار ٿيون. جيڪو بہ جيون جي اَننت سيما تي پهچي ٿو اُهو اَمر آهي، آنند ۾ آهي، باقي بہ جيو جيسين ساهہ کڻن ٿا، زندهہ رهن ٿا.

بابا هميشهہ سندر ويچار ڏارڻ لاءِ همٿائيندو هو، سڪ صدق سان پاڻ کي مالڪ

سڀ سنگروءَ جي اِڇا ۽ آسيس انوسار ٿئي. ان ڪري ئي تہ سنگروءَ لاءِ سندس شش کي چاڪري ڪرڻ جو موقعو ٿو ملي.

عجب اِهو جو سائينءَ جي ليلائن جو اَنت ئي ڪونہ هو. ليلائن دواران نچندو ڳائيندو، رانديون ڪندو هو، پوءِ بہ هوُ هميشه پاڻ کي آزاد رکندو هو. ڀڳت جيترو پنهنجي سچي اِرادي تي محڪم هوندو هو تہ بابا بہ هن کي ساز سلوڪ سان ٻڌندو هو. ڪيس صلاح ڏيندو هو، سهڻو ڏس ٻڌائيندو هو، پوءِ بہ اُپديش ڏيڻ کان اڳ، ان جي ڪانہ ڪا پريڪشا ضرور وٺندو هو.

راڌا نالي هڪ ناريءَ کي بابا سان ڏاڍو لڳاءُ ٿي ويو. هوءَ بابا جو نالو ٻڌي شرڊيءَ آئي. بابا سان اُپديش/منتر وٺڻ جو پڪو پهہ ڪري آئي هئي. بابا هن ڏانهن پهرين تہ ڪو ڌيان ڪين ڏنو. جيسين ڪيس بابا منتر ملي، هوءَ اُتي رهي پيئي. مٿو ڪورائي چڙيائين. ان جل وٺڻ بند ڪيائين. اِها ڳالهہ بابا جي ڌيان تي آندي ويئي، بابا ڪيس پاڻ وٽ گهرائي پربوڌ ڏنو: ''ماتا! تون منهنجي اَمڙ مان تنهنجو ٻالڪ. ڇو ٿي پيئي سرير کي ان جل کان سڪائين. هاڻ منهنجي ڳالهہ ٻڌ، مونکي بہ هڪ گرو هئو. هوُ مهان سنت هو، ديالو هو. مان سندس ڪافي عرصي تائين شيوا ڪندو رهيس. اِڇا هئم تہ ڪيس مور نہ ڇڏيان پر سندس واتون ئي الڳ هيون. مون مٿو بہ ڪورايو هو. هڪ دفعي هن مونکان ٻن پئسن جي دڪشڻا گهري. مون اُهي يڪدم ڏنا. توهين پڇندا تہ جڏهن هوُ منهنجو گرو هو تہ هن مون کان بکيا جي اِڇا ڇو رکي؟ جواب آهي، ڪيس پئسن جي ڪاڻ ڪانہ هئي، اُهي بہ پئسا هئا شرڌا ۽ صبوري. مون کيس ٻئي پئسا ڏنا تہ هو ڏاڍو خوش ٿيو.

مان ١٢ سال هن وٽ رهيس. هن وٽ ڪنهن بہ چيز جي اَڻاٺ ڪانہ هئي. ڪاڏي پيتي جي، هو مونکي اڻميو پيار ڏيندو هو. مونکي ڏاڍو ڀائيندو هو، اتفاق سان اَهڙا گرو ملندا آهن. مان هميشه سندس اڳيان رهندو هوس. منهنجو پهريون گرو هئو **نشٺا** ۽ ٻيو گرو هو **صبوري**. جيڪا توهان کي سوين سمنڊ پار ڪرائيندي، توهان جي هستيءَ کي هميشه اوچو رکندي؛ هيٺ لهڻ کان روڪيندي. صبوريءَ سان سڀ پاپ مٽجن ٿا. موهہ مايا کان مڪتي ٿي ملي. هر طرح جا ڪشٽ ڪشالا مٽجي ٿا وڃن. توهان جي من مان ڊپ ۽ ڊيڄو مٽجي ٿو وڃي ۽ آخر ۾ توهان وجيتا ٿجي ٿا پئو.

بابا جو اُپديش بہ اهڙو هو تہ جهڙي تهڙي سنت مهاتما کان اُپديش نہ وٺو. توهين صرف پنهنجي من ۾ هن جو ڌيان ڌاريو. جو ڪجهہ ٿيڻو هوندو پاڻيهي پيو ٿيندو. ان ۾ ڪو شڪ نہ ڪيو. پرمارٿي ٻڻجو. نشچنت ٿي توهان مون ڏانهن

اڌياتم رامائڻ، ديانوشور يا ٻيا شاستر پڙهڻ جي صلاح ڏين. ڪن کي هوُ پنهنجن پيرن اڳيان ٿو سمهاري تہ ڪن کي کنڊوبا مندر طرف ٿو موڪلي. ڪن کي چوي وشنو جو نالو هزار دفعا دهرايو، تہ ڪن کي وري چندوگيا، اُپنشد ۽ گيتا پڙهڻ لاءِ آديش ڏئي. ان طرح ڪائي بہ صلاح سوچڻ ڏيڻ لاءِ هن وٽ ڪوبہ ٻنڌڻ ڪونہ هو/ آهي. هوُ لوڪن کي جاڳہ ۾ يا ننڊ ۾ آديش ڏيندو رهندو هو،هوُ شرابين کي شراب مڪت ڪرائي سگهندو هو تہ سپنن ۾ ”گرو برهما“ منتر بہ سمجهائي سگهندو هو. هوُ اهو بہ ڪين چاهيندو هو تہ هرڪنهن محنت ڪش کي سندس محنت جو اُجورو اوس ئي ڏيڻ گهرجي ۽ اهو بہ يڪدم، سندس گهرڻ بنا، ان مان ڪم ڪندڙ ۽ ڪم وٺندڙن ٻنهي جو لاڀ آهي.

ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيترائي سنت الڳہ الڳہ سروپن ۾، الڳہ الڳہ طرح پرگهٽ ٿيندا آهن ۽ ان ڏس ۾ پنهنجو سڌانت ڪاريہ، جيڪو سندن اصولن موافق هوندو آهي ڪندا رهندا آهن، ان طرح اُهي الڳہ الڳ هنڌ جي الڳہ الڳہ ڄاڻ ۾ سمپورڻ هوندا آهن، پوءِ بہ سندس مڪيہ ۽ اعليٰ اڳوان تہ ايشور، پاڻ ئي هوندو آهي. جيڪو سندن ڪاريہ تي نظر رکندو آهي ۽ هميشهہ پيو ڪين صلاحون ڏيندو آهي.



گهرجي تنهنجو ساٿ سائين،
اناٿن جو تون ناٿ سائين.

جي حوالي ڪيو ۽ پوءِ ڏسو تہ موت ۾ توهان کي ڪيترو نہ صدق ٿو ملي. هو هميشهہ توهان جو مددگار ٿي رهندو. اڪہ ڪلڻ سان توهان کي ڪو ويچار اَچي تہ ڏينهن جي سمي اُن جو ويچار ڪندا رهو، توهان جي بُڌيءَ ۾ ٻل ايندو. توهان جي من ۾ شانتيءَ جو واسو ٿيندو.

ڪابہ سوچنا ڏيڻ لاءِ بابا کي ڌاڙي يا نڪاڻي جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿيندي هئي. هر وقت آزاديءَ سان صلاح سوچڻ ڪندو رهندو هو. ائين اڪثر ٿيندو آهي جو ڪيترن کي ٽوڪڻ ۽ طعنا هڻڻ جي عادت هوندي آهي، يا پرپٺ پيا ڪنهن جون گلائون ڪندا. وڏون ڪيندا، ننوليون ڪندا، ان مان اڳلي جي پاونائن کي ڇيهو ٿو رسي. البت سنت ئي آهن جيڪي سمجهائيندا تہ من جي اُن غلطفهميءَ کي ڪيئن ڇت ڪان دور ڪجي. ان لاءِ نہ گهرجي صابڻ يا پاڻيءَ جو پريل ڏول. پر گهرجي مني ۽ سندر زبان جو صابڻ ۽ سهڻي ورتڻ جو جل. البت بابا کي سمجهائڻ جو ڍانءُ ئي الڳہ هوندو هو. هو اهڙن شخص جو ڏيان گندن جانورن ڏانهن ڇڪائيندو هو، جن کي گندگي ۽ غلاظت مان ئي آنند ايندو آهي ۽ پوءِ اِن شخص ڏانهن اِشارو ڪري چوندو، ”تنهنجي حالت ۽ سياءُ بہ اَهڙو ئي آهي.“ هوءُ پوءِ کيس پاٻوهہ سان سمجهائيندو هو. ”چڱا ڪرم ڪندي ئي تہ توکي منش جو جيون مليو آهي، پوءِ بہ تنهنجا ڪرم وڃن ٿا غليظ ٿيندا، اُهي توکي سريري طور کهڙي مدد ڪري سگهندا.“

ڪڏهن بہ ڪنهن اهو ڪين سوچيو تہ بابا صرف هڪ جسم هو، هڪ ديهہ هو. اهو الوڪڪ ايشوريہ جو روپ هو جو هن پرٿويءَ تي پڌاريو هو. اگر ڪوبہ ساڏڪ رات ڏينهن هن تي ڌيان ٿو ڏئي، پنهنجو پاڻ کي پوريءَ طرح قربان ٿو ڪري، تہ هوءُ هُن ۾ ائين سمائي ٿو وڃي جيئن ڪنڊ ۾ مناڻ، سمنڊ ۾ لهرون، اکين ۾ جوت اگر جنم مرڻ جي گهيري مان مڪتي گهرجي تہ کيس شڌ جيون گهارڻو پوي ۽ پوءِ بہ پنهنجي من جي شانتيءَ سان کيس چڱا ڪرم ڪرڻ گهرجن. ڪنهن سان کهرو نہ ڳالهائڻ، پنهنجو فرض پاليندو رهڻ، ڪنهن بہ طرح جي پرواهہ نہ ڪرڻ، پاڻ صدقي ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ. هردي ۽ آتما کي هن جي حوالي ڪرڻ، جيڪو بہ پنهنجي پوريءَ ساڃهہ ۽ پختائيءَ سان پاڻ کي هن جي حوالي ارپي ٿو، بابا انهن جو هميشهہ سهائي ٿو ٿئي. البت جيڪي اهو چاڻڻ چاهين ٿا تہ **’مان ڪير آهيان‘** انهن کي هوءُ سمرڻ ۽ منٿن ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي. هوءُ اهڙي جيون کي مالڪ جو نالو ور ورجائڻ جي صلاح ٿا ڏين ۽ ڪڏهن تہ وري پنهنجين ليلائن ڏانهن ڌيان ڇڪائين. ڪن کي وري ڌارمڪ شاستر جهڙوڪ

(۵) جنهن بہ سنگر کي پاتو آهي. پاڻ کي ارپيو آهي، تہ جيڪو بہ ڪجهہ ڏارمڪ ڪريائن مان نہ ٿيندو اهو بابا جي اَڻ ميو پيار سان ٿيندو. بابا هرڪنهن کي پائيندو هو.

(٦) ڪيترائي هئا، جن کي بابا جو درشن نہ ٿيندو هو، اهڙن شخصن لاءِ بابا جو آديش هو تہ هوُ اگر سندس ليلائن کي ئي ياد ڪندا تہ من جو آنند پائيندا. انهن ليلائن دواران سندن من جي ڪامنا پورڻ ٿيندي.

(٧) اُهي ڀاڳيشالي آهن، جن پنهنجي آپ کي نپوڙي ٻاهر ڪڍيو آهي ۽ هميشهہ اُهي مکہ سان ''سائين سائين'' پڪارين، انهن لاءِ سائين چوي ٿو، ''مان ڪين هٿ کان پڪڙي سمنڊ پار ڪرائي سگهنديس ۽ سندن من جون مرادون پوريون ڪندس. مون کي ناٽڪي پوڄا ڀڳتي نہ گهرجي. اَنوٽو يا ان کان بہ وڌيڪ منهنجي انهن وٽ نڪاٽو آهي، جن کي مون ۾ پورو پورو وشواس آهي.

(٨) پل ڪيتري بہ ڪو پيڙا ڀوڳيندو هجي، هو جيئن ئي مسجد جي اندر پير ڏري ٿو تہ سندس اَهنج اَلوپ ٿي ٿا وڃن. هو خوشيءَ جي مارڳہ تي هلڻ ٿو لڳي.

(٩) توهين اَنڪد ڀاوَ سان پنهنجو هٿ کولي مون وٽ ايندا تہ مان بہ توهان جو ئي ٿي رهندس. پل جسماني طور مان هت آهيان، پر ست سمنڊ پار ڪٽي بہ پهچي ٿو سگهان. دنيا ۾ ڪيڏانهن بہ وڃو مان هميشهہ توهان سان ساٿ آهيان. منهنجو دعائون توهان جي دل ۾ آهن. مون کي ياد ڪيو، مونکي ڏيايو، ڏسندا تہ مان توهان جي آسڻ تي براجمان آهيان.

(١٠) لوڀي ۽ لالچيءَ لاءِ شانتي ڪٽي، سنتوش ڪٽي، هو ڪڏهن بہ راضي ٿيڻ جو ناهي، پوءِ بہ منهنجو خزانو ڀريل ئي آهي. مان هر ڪنهن کي ڏيندو رهندو آهيان، جيڪي بہ ڪيس گهرجي. هن ۾ لياقت آهي يا نہ، پوءِ بہ هو مون مان پائيندو. مان مسجد جي اندر وڃي ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس.

(١١) سائين بابا اسان جي من جون دريون کولي، اسان کي ساڌنا ڀريءَ سونهن طرف ٿو موڙي ۽ اسان جي ڪومل ڀاونائن کي تازگي ٿو بخشي، پنهنجيءَ مهر جو مينهن ٿو وسائي.

(١٢) جنهن ساڌڪ جي من ۾ پورن وشواس ۽ پختو اِرادو آهي تہ بابا بہ هن جي جهت ٿو ٻڌي. البت ڪڏهن تہ بابا پنهنجن ساڌڪن جي پوريءَ ڪسوٽيءَ ڪرڻ کان پوءِ اُپديش ڏيندو هو. صبوري توهان کي سنسار ساگر مان پار

سائين سکيا سروور

(۱) منهنجي ڀڳتن کي ڪڏهن بہ ڪنهن طرح جي اڻاٺ نہ رهندي روٽي، ڪپڙو، مڪان بنان هو رهجي ڪين ويندا. مان پنهنجن ڀڳتن جي پاڻ ئي پرگهور لهان، سندس سک شانتيءَ جي اون رکان. من ۾ سمپورڻ ريت منهنجو ڌيان ڪرڻو آهي. مون ۾ پنهنجو من ملائڻو آهي.

(۲) هر چيز ۾ مالڪ کي ڳولهيو. اُپنشد، گيتا ۽ ڀاڳوت ۾ بہ اِهو ئي دهرايل آهي. هر جيو ۾ مالڪ جو واسو آهي. سائين اُپنشد جي سکيا اَنوسار، اُپنشد ئي صحيح سکيا جو واهڻ آهن.

(۳) ضرورت ناهي تہ منووگيان جو گهرو ۽ اونهو اَڀياس ڪيون. ستگر ۾ وشواس رکڻ سان ئي وِشوَ مهراڻ مان تري پار پئجي تو سگهجي.

(۴) جيون امولہ آهي. خبر ناهي تہ موت ڪڏهن اَچي ۽ سڀ ڪجهہ تڳائي وڃي. ان ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ طرح جي ڍلهہ ڪرڻ نيڪ نہ آهي. جيترو ٿي سگهي پنهنجي من جو مقصد جلد سِڌ ڪيو. اسين رات ڏينهن پاڻ کي سجاڳہ رکون. ساوڌان رهون، باقي تہ ٻيءَ حالت ۾ اسين ڍورن جيان ٻڌجي پونداسين.



۱- سائين رام - سائين رام،
سائين شيام-سائين شيام،
سائين راڌا ۽ گهنشيام،
شرڊي سائين آنند ڌام.

۲- سائين سڀ جو ڪري خيال،
ڇاڻي تو اَڪہ ڇنپ ۾ حال،
سائين ناٿ سدا رکپال،
سار لهي تو دين ديال.

۳- پلڪ پلڪ جنِ توکي ساريو،
خبر نہ تو ڇو ڪين وساريو،
چپ چاپ چپن کي چوري،
جاپ اهو تن لاءِ سهارو.

۴- شبد ڪُٽي پيا، گيت ٽٽي پيا،
آس ڀريل غوراب ٻڏي ويا،
توکي پل پل پئي پڪاريو،
خبر نہ تو، ڇو هئو وساريو.
ڪ.پ.

(۱۹) هيءَ آهي دوارڪا مائي جتي توهين وينا آهيو. هيءَ پنهنجن ٻارن جون مڙيوئي چنتائون ۽ ڏک دور تي ڪري، پنهنجيءَ گود ۾ پناهہ تي ڏئي.

(۲۰) خالق پنهنجي مڙيوئي اُپايلن ۾ لڪل آهي، چاهي اُهي نانگہ هجن يا وڇون، ساري جڳت کي هوُ ڏور مان ڇڪي ٿو ۽ سڀ هن جي مهِنا ۾ آهن. سندس حڪم کان سواءِ ڪير بہ ڪنهن کي ڪو ڇيهو رسائي نہ ٿو سگهي. ساريءَ دنيا جو مدار هن تي آهي. ان ڪري اسان کي بہ هرڪنهن لاءِ قياس جوڳو وهنوار ڪري، ڪيس پنهنجو پاڻُ گهرجي. ڪنهن کي بہ مارڻ يا ڇيهو رسائڻ واجب نہ آهي. مالڪ ئي سڀني لاءِ پروسو آهي، پرودگار آهي.

(۲۱) پاڻ کي انتم طرح نڇاور ڪرڻ لاءِ گروءَ جي چرنن جو سهارو وٺڻ لاءِ قدم کڻون، هو ئي وڏو راندیگر ٿو بڻجي. رحمت پريو رهبر ٿو بڻجي.

(۲۲) هو مالڪ جو چاڪر هو، پل پوءِ هو اوتار وٺي آيو. هن لوڪن کي آگاهہ ڪيو تہ ورتڻ ڪيئن ڪجي ۽ هر قدم تي، هر منزل تي، ڪيئن نهڪي هلجي ۽ سندس ڏسيل آديش جو پالن ڪجي. هن هر نهڪيل يا نهراو واريءَ چيز ۾ مالڪ جو اَنيو ڪيو. اِنسان ٿيڻ لاءِ اهو اَموليہ آهي. ڪيس هرهند نارائڻ جو درشن ٿي پراپت ٿيو. هو هرڪنهن کي عزت ڏيندو هو ۽ هرڪنهن لاءِ عزت چاهيندو هو.

(۲۳) هو ئي هرڪنهن جي حالت جو حساب ڪتاب ڄاڻي ٿي سگهيو. هرڪنهن جي اِڇائن ۽ چاهتن جي ڪيس پرک پوندي هئي. سندس ڪٿائن ۽ ليلائن ۾ ڳجهي معنيٰ هوندي هئي.

(۲۴) ڪنهن بہ طرح جو ڊپ نہ ڪيو. ننڍي وڏيءَ آپدا مان مهروان فقير توهان کي بچائي سگهندو. شانتيءَ سان اڳتي ان منزل طرف وڌندا رهو. مون ۾ وشواس رکو، ڪنهن بہ طرح جو ڊپ نہ رکو ۽ نہ وري ڪڏهن بہ اُلجهن کي پنهنجيءَ دل ۾ جاءِ ڏيو.

(۲۵) جيسين ڪنهن بہ پنهنجي اهنڪار کي فقير جي پوتر چرنن ۾ نہ ڌريو آهي، تہ هو مشڪل سان ڪامياب ٿيندو. هنُ ڇڏڻ سان ڪيس جلد لاڀ حاصل ٿيندو.

(۲۶) سائين جو جاپ ڪرڻ سان من جون مرادون پوريون ٿينديون. سنساري چاهي آتمڪ اِڇائون سِڌ ٿينديون، پوءِ بہ بابا جو طريقو الڳہ طرح جو هو. هوُ مذاقي نوع يا وري اکين جي وچتر اِشاري سان اڳلي جي من ۾ ڦيرو آڻي

لڳائيندي. صبوري پيڙا ۽ لڳاءُ کي ختم ڪندي، صبوري هرطرف کان آيل ڪشش کي مٽائيندي. توهان جي من مان ڊپ ڪڍي، توهان کي ڪامياب بڻائيندي.

(۱۳) ڪوبہ اَچي توهان کي منتر يا اُپديش ڏئي تہ اُهو قبول نہ ڪيو. مونکي پنهنجن ويچارن ۽ ورتاءُ ۾ آڻيو تہ توهين پرشارٿ کي پائي سگهندا. توهين مون ڏانهن نهاريو تہ مان بہ توهان ڏانهن نهاريان. ڇهن شاسترن ۾ بہ ساڌنا جي صفت ايتري تہ پربَلُ ڪين آهي. پنهنجي گروءَ ۾ ويساهہ ۽ وشواس رکو. گرو ئي ڪرتا آهي جنهن گروءَ جي اَموليہ گڻن کي ڄاتو آهي، اُهو ياڳيشالي آهي. هوُ پاڻ ئي ترمورتي آهي. (وشنو-شو-برهما).

(۱۴) پاڻ کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪيو. ڌيان اَٽل هوندو تہ ورتي بہ سجاڳہ رهندي. ڪنهن بہ اِڇا بنا مالڪ کي ياد ڪيو. اهو ئي ڄاڻٺهار آهي، هو ئي سڀني جو پالڻهار آهي. سندس ڌيان ۾ هوندي من جو ونچت ڦل پائي سگهندا. ڀڳوان تہ آهي اَمورت، اَجوني، توهين هن جو ڌيان نہ ڪري سگهو تہ مون تي ڌيان ڪريو. توهان جو آڻ تڪ ڌيان جيڪو چوويهہ ئي ڪلاڪ هوندو تہ توهان جون مڙيوئي خواهشون ناس ٿي وينديون ۽ توهان برهما ۾ نواس ڪري سگهندا.

(۱۵) جيسين ڪنهن سان ڪو سنبنڌ نہ آهي تہ ڪوبہ ڪنهن وٽ ڪڏهن بہ وڃڻ ڪين چاهيندو. اگر ڪوبہ منش يا پراڻي توهان وٽ اَچي تہ توهين ان جو آءُ ڀاءُ ڪيو. ڪيس ڌڪي ٻاهر نہ ڪڍو. ڪيس مان سنمان ڏيو. مالڪ خوش ٿي توهان جي مدد ڪندو. هرڪنهن کي نشڇنت ڪري سمجهو. اصل پراڻن کان بہ پيارو.

(۱۶) ڪيترائي اُتم ڪاريہ ڪرڻ ڪانپوءِ توهان منش جنم پاتو آهي. اها ئي تہ توهان جي جنم وٺڻ جي خاصيت آهي، پوءِ بہ جي توهين ٻيطرفا طريقا اختيار ڪندا تہ سرير توهان کي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو.

(۱۷) مالڪ نرآڪار آڪار، هِت هُت، جتي ڪٿي، جل ٿل آڪاس ۾ آهي، وشو ۾ آهي، اُجالي ۾ آهي، سرڳہ ۾ بہ آهي، سندس ڪابہ جڳهہ محدود ڪين آهي.

(۱۸) ڪناريسي سنت آپا جي سڪيا جيان ڀڳتي مارڳہ دئاران منزل تي پهچڻ ڪو آسان ڪين آهي. ڪافي جفاڪشي ڪرڻ تي پوي، توهان کي ڪيترين ئي پريشانين سان پار پوڻو ٿو پوي.

(٢٠) ساڌڪ جڏهن پنهنجو سِرُ گروءَ جي چرنن ۾ ڌري ٿو تہ ٻاهرينءَ طرح اصلي طور هوُ پڌرو ٿو ٿئي ۽ اندرينءَ تهہ ۾ هوُ هڪ ئي طرح آهي. هيءُ انهن لاءِ آهي جيڪي الڳہ ڏسڻ ۾ ٿا اَچن. اَچا ڪچا آهن، پڇي راس نہ ٿيا آهن.

(٢١) مون کي نہ در درين يا ڪڙڪين جي ضرورت آهي. منهنجو تہ ڪو روپ ئي ڪونہ آهي. مان جتي ڪٿي حاضر آهيان، هڪ ڏور ڇڪيندڙ جي طرح ۽ هرڪو مونکي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو سگهي. مان هر طرح جو ڪرتويہ ۽ حال ڄاڻي سگهان ٿو. مون ۾ وشواس ڏاري مون ۾ سمائجي وڃو.

(٢٢) بابا کي ڪڏهن بہ ڪنهن کان بيڪہ نہ گهرجي ۽ نہ وري هوُ پنهنجي ڀڳتن کي اَهڙي سکيا ٿو ڏئي. ڏن هن لاءِ روحاني راهہ ۾ ڄڻڪ هڪ اَڏَ هئي، رنڊڪ هئي ۽ نہ وري هوُ پنهنجن ڀڳتن کي ان ڄار ۾ ڦاسائڻ چاهيندو هو.

(٢٣) سائين جي ششن شيوڪن لاءِ سائين جيون هڪ آشيرواد جي طرح آهي، سندس هر ڪاريہ ۾ ڪا اَهڙي هڪ طرح جي، گڻن جي مبهم ڪاڻ هئي. ڪڏهن برهماند حالت ۾ پنهنجيءَ خماريءَ ۾ هوندو هو يا تہ وري ڪڏهن هوُ پنهنجو پاڻ ۾ انترڌيان ۾ هوندو هو. سانت هوندي بہ هوُ ڪڏهن سست ڪين رهندو هو. جهوٽا ڪائيندو ڏسڻ ۾ ايندو هو، پوءِ بہ پنهنجو پاڻ ۾ لين رهندو هو. سڀ پرش هن لاءِ پائر هئا. ناريون ۽ اِستريون سندس ماتائون. هاڻ اسين جو ڪجهہ سندس ليلائن مان پرايون، شل اُهو هميشهہ اَسان سان ساٿ رهي.

(٢٤) بابا پاڻ چوندو هو جيڪو بہ مونکي حد کان وڌيڪ چاهي ٿو، اُهو مونکي پاڻ ۾ ڏسي ٿو سگهي. جيڪو بہ منهنجي ليلائن ۽ ڪٿائن کان سواءِ، ٻيون ڪٿائون ڪين ٿو ڪٽي، سمجهو تہ اهو منهنجي مهان ڀڳتي ٿو ڪري، هو ئي سدا منهنجو نالو ٿو ڪٽي، مونکي ياد ٿو ڪري. مان ضرور سندس اهو قرض موٽائيندس. جيڪو هميشهہ مون تي آڌار رکندڙ آهي، جيڪو محسوس ٿو ڪري تہ مان ئي سندس بکہ ٿو مٽايان ۽ مونکي پوڄہ لڳائڻ ڪانپوءِ ئي هوُ گرهہ وات ۾ وجهي يا جيڪو مِن وٽ اَچي ٿو، اهو ڄڻڪ مون ۾ سمائجي ٿو وڃي. سندس اهنڪار ۽ غرور ناس ٿي ٿا وڃن. جيڪو پنهنجو پاڻ مونکي ارپڻ ٿو ڪري، اهو مڙيوئي براين کان بچي ٿو وڃي.

(٢٥) جيڪو بين جون غلطيون ڪڍي اَجايو پيو ڪين حيران ڪري، ڪنهن جي دل ٿو دکائي، اهو ڄڻڪ منهنجي لاءِ پيڙائون ٿو پيدا ڪري.

سگهندو هو.

(۲۷) من، ٻڌيءَ ۽ ويچارن جي گڏيل سهيڙ سان پرماتما کي پڪار ڪيو ۽ ائين ڪرڻ ڏيندو ڇٽڪ سائين لاءِ ساڌنا، اُپاسنا ڪرڻ. ائين ڪرڻ سان مڙيوئي ورتيون جن دواران اِڇائون، ورتيون ۽ آڪرشڻ جا پاوَ اُپرن ٿا، اُهي گروءَ کي ارپڻ ڪري ڇڏيو. پوءِ ٿي شڌ ٻڌيءَ وارين ورتين جو ڏهن ئي ڏسائن جو مارڳ سولو ٿيندو. ڪيس پنهنجي گروءَ لاءِ جا شرڌا جاڳندي، اُها پاڪ ويچارن سان ڀريل هوندي. جڏهن اسان جي من ۾ بابا جي تصوير هوندي ته من جي حالت به اَهڙي رهندي جو دک جيَ ڪا پرواهه ئي ڪانه رهندي. دنيا جي عيش عشرتن جو من تي ڪو ويچار ئي ڪين ايندو. پنهنجو اَهم من تان غائب ٿي ويندو ۽ اسين پاڻ کي هر هميشهه هوش‌ميه ۽ ڌيرج ڌاري ئي گهاري سگهنداسين.

(۲۸) ستگر جي چرنن کي جيسين توهان اکين مان وهندڙ خوشيءَ جي آنسن سان ڌوئي، پاڪ پريت جي چندن ليپ سان سندس سرير کي مهٽيو، وشواس جي بوچڻ سان سندس سرير کي ڍڪيو، انن سواسن کي انن ڪمل پشپن جي طرح ارپڻ ڪيو، من جي چڱاين کي نپوڙي اُها پيشانيءَ تي لڳايو. ان ڀڳتي وندنا کان پهرين پاڻ کي هن جي اڳيان ارپڻ ڪري ڇڏيو. مستڪ سندس چرنن ۾ جهڪائي ڇڏيو. ان کان پوءِ مايا جي مڌر هوائن کان پاڻ کان پاسي رکو. ان طرح جي ساڌنا ارچنا کان پوءِ ائين چئو: ”مالڪ اسان جي من ٻڌيءَ ۾ ڦيرو آڻ. اسان کي سياڻپ ڀري سمجهه ڏي ته جيئن صحيح دشا ۾ ورچ ڪري سگهون. پنهنجو پاڻ کي پوريءَ طرح سمجهي سگهون. اسان جو من تن تنهنجي ڀيٽ آهي، اسان کي اکين کي اَهڙي نعمت ڏي جيئن اسين پرسنتا ۽ پيڙا ۾ ڀيد نه سمجهون. پنهنجيءَ مرضيءَ انوسار اسان هن بدن کي تنهنجي چرنن ۾ ڀيٽ ڌريون. ڪجهه به ٿي پوي هن جي ڪڏَ نه ڇڏيون. هميشهه هن سان لڳا رهون.

(۲۹) پنهنجن ڪرمن جو ڦل سنو يا خراب توهان کي ئي ڀوڳڻو آهي. جيسين اهو ڪاريه پورو نه ٿيو آهي ته توهان جو آپگهات ڪرڻ به سڪيارٿو ڪين ٿيندو. توهان کي وري ٻيو جنم وٺي ڀوڳڻو پوندو. ان ڪري پاڻ کي ختم ڪرڻ سان به ڪرم جو ڪيتو هتي ئي ختم ڪجي ۽ پنهنجي اڳين جنم جي ڪرتين کان مڪت ٿجي. هميشهه هميشهه لاءِ.

اَنيتا ڪمل پياسي - ساٿي هئي- نرسوارٿي

وڏيڪ ڄاڻ پوڻ سان ڳالهه وڇتر وسميہ ٿئي. حقيقتن جو ڦهلاءُ ٿئي. اسين ڳالهين ۾ گهرائيءَ سان جهاتيون پايون؛ پر ڪيون تہ ڇا ٿي رهيو آهي، ڇا ٿيڻو آهي ۽ آخر ۽ ان مان ڪهڙو ڪَڙ تيل نڪرندو.

ليکڪ/ليکڪا جڏهن بہ ڪجهہ لکن ٿا تہ اُها ڇٽڪ هنن لاءِ هڪ طرح جي بندگي آهي، جنهن ۾ پاڻکن کي پوريءَ ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. ويچارن جو گهرائيءَ سان اُلٿو ڪندي، پنهنجيءَ صحيح صورت جو عڪس بہ پڌرو ٿو ٿئي ۽ رفتہ رفتہ سندن روحاني راهہ تي بہ قدم لڳي ٿو ۽ ڪين مالڪ کي پائڻ جي چاهنا ٿي ڄاڳي.

ڪي لوڪ پنهنجي روزمرهہ جي ڪيل ڪاروائين يا اَنيون کي ڊائريءَ ۾ درج ڪن ۽ پوءِ تہ ننڍيون وڏيون ڳالهيون جي پيون ٿين، اُهي سندن جيون جي تصوير ٻڻجي پون، ائين بہ ٿئي جو ڇٽڪ ليکڪ پنهنجي رَبَ سان پيو ڳالهيون ڪري.

لکڻ جا تجربا بہ گهڻا ئي آهن. گهڻيون ئي صفتون آهن، شاخون آهن وغيره جهڙوڪ مضمون، ناول نويسي، اَخبار نويسي، ناٽڪ نويسي، ڪوتا، ڪهاڻي، گيان وگيان، سفرنامو، ڪٿائون، آڌياتمڪ وارتائون، راڳہ بيت ۽ دوها. ان طرح لکڻ جي تجربن جو ڪو اَنت ئي ڪونہ آهي. اُهي سڀ من جا عڪس آهن، پر جيئن تہ اُنهن ۾ ليکڪ پنهنجن جذبن کي ڇُهيو آهي ۽ سندس قلم دواران اُهي پرگهٽ ٿيا آهن. پوءِ بہ ساهتڪار جي اِها رَٽ، ”مان رات ڏينهن سندن پنيان پيس. ڏينهن، هفتن، مهنن کان مان ڪين ڳولهيندو رهيس، جبلن، برپٽن، غفائن کان ٿيندو ڪيس پنهنجي من جي تهن اندر تتوليم ائين جيئن هڪ شاعر پرماتما سان ريس پڄائي هجي ۽ پوءِ ئي پنهنجي انهن آزمودن جو اظهار ڪيم.“

ڪي تہ ائين بہ چون تہ منش جو هر ڪاريہ پڻ پريوءَ جي ڀڳتيءَ موافق آهي، پوءِ بہ لکڻ دواران اسين جذبن کي ولوڙي، ويچارن جي گهرائيءَ ۾ ٽٻيون هڻي، مالڪ جو مارڳہ ٿا ڳولهيون. اهو بہ هڪ ڪاريہ آهي مالڪ جو سڳہ لهڻ جو. لکندي لکندي پنهنجن آزمودن، ڪاميابين، ناڪاميابين سپنن ۽ آزمودن جو ورنن ڪندا آهيون ۽ اهو بہ هڪ عام ڀاشا ۾، جيئن هرڪو ان کي مڃي سگهي.


سڄي لکاوت هڪ فرض شناسيءَ جيئن آهي. ايشور سان اکرن معرفت سُسِ پُسِ ٿئي. پوڄا، وندنا يا ستسنگہ ڪوڙيئري جي چار وانگر خيالن کي وڪوڙي

(٢٦) جڏهن ويد ۽ پراڻ پوري برهما جي وياکيا ڪري نہ سگهيا تہ اسين اٻوجهہ ڪيئن سنگر شري سائين بابا جي ساک ڪري سگهنداسين. بهتر تہ اُن وشين تي اسين خاموش رهون. شانتيءَ دواران حقيقت ۾ اسين سنگروءَ کي ساراهيون ٿا. کاڌي جي جشن ۾ اگر متر منڊل ۽ مائٽ نہ هوندا تہ کاڌي جي لذت ماڻي نہ سگهبي، پر سنگروءَ جي سنگہ جو ذائقو ئي اُڙر ٿئي. سائين ڳالهہ، سائين ليلا، اَمرت جي ماکي بہ کو اڪيلي نہ چٽبي، سيني سان سنگہ ۾ ويهي کائڻ جو لطف ئي ٻيو آهي.

(٢٧) سائين بابا نہ رگهو گيتا گيان سمجهائي ٿو تہ مبهم شڪتي بہ بخشي ٿو، پنهنجيءَ مهر نظر سان نهال ٿو ڪري. جيئن بادل مان برسات جو پاڻي. سيتلتا ٿو بخشي. بسنت رُت ۾ ڦول ٽڙن تہ ايشور جي پيت ڏرجن. پهاڙ تي چندن جا وڻ اُپرن تہ گرمي پد گهٽ ٿئي، تيئن بابا جون ليلائون بہ پڙهندڙ کي راحت ڏين، هوُ پيڙائن مان پار ڪن.

(٢٨) سائين بابا جون دعائون ئي آهن جي ديا جو در ٿيون کولين. سائين جو نام چپن تي هوندي، مڙيوئي دکہ دور ٿي وڃن. نمسڪار سائين شڪتي- اوم سائين رام.

- اوم سائين رام -



۽ ان کان سواءِ پڦيءَ جي ڌيءُ بہ اسان وٽ ئي رهندي هئي. منهنجي وڏيءَ ڀيڻ جي شادي اسان جي گروُن بابا هريرام صاحب (پريا نواسي) جي آشيرواد سان ٿي، ان کان اڳ پنهنجي پيءُ کي منهنجي ڀيڻ جي شادي جي ڏاڍي چنتا رهندي هئي، پر گروجن جا وچن، ”توهان جا ڪم پاڻيهي ٿيندا.“ ۽ ٿيو بہ ائين جو هڪ ڏينهن ۾ چوڪري جو ڏس مليو ۽ ان ئي ڏينهن مڱڻيءَ جي رسم بہ ٿي ويئي. ان کان اڳ چوڪريءَ هڪ ٻئي کي ڏٺو بہ ڪين هو. هوءَ بہ سال مڱي ويني هئي، چوڪري وارن جو گهر پورو سارو هو. تمام ڪفائتي طرح سان هلڻ ۾ هوُ وشواس ڪندا هئا. سندن گهر ۾ بہ نياڻيون بہ وينيون هيون. دادا محسوس ڪيو تہ سندس من جو با ڪجهہ هلڪو ٿيو آهي. اَهو ڏينهن هو ٦ جولاءِ ١٩۴٧.

١٥ آگسٽ ١٩۴٧ع کان پوءِ جيئن ئي هندستان-پاڪستان ٿيو، تہ اسان دادا (منهنجو پتا) جي سکر ۾ رهندڙ هڪ دوست جي مدد سان ڪراچي چڙهي. ٣ مهنا بندرابن ۾ رهياسين. منهنجو ڀاءُ اَجا ڪراچيءَ ۾ هو، پر پوءِ هو بہ نوڪري ڇڏي آيو. هيڏي وڏي ڪٽنب جي پالنا جو سوال هو. منهنجي پيءُ هڪ ننڍڙي فئڪٽري کولي، پر ڏنڊي جو ڏانءُ نہ هئڻ ڪري، دقت ٿي، تيسين منهنجي وڏي ڀاءُ کي نوڪري ملي ويئي. ٻيو نمبر ننڍو ڀاءُ ان وقت ڪاليج ۾ هو، ان کي بہ آر.ٽي.او. ۾ نوڪري ملي. ٻيا ٻار تہ ننڍا هئا. منهنجي پيءُ کي گهر جي ڏاڍي چنتا رهندي هئي، پر اؤلاد سنو هئڻ ڪري گهر چڙهي پيو. منهنجي ڀائرن بہ ڪاليج جون ڊگريون حاصل ڪيون. منهنجيءُ پڦاٽ جي شاديءَ تي منهنجي ماءُ پنهنجو سچو سون وڪڻي شاديءَ جي رسم ادا ڪئي. هڪ ڀاءُ جي شادي مجبور حالتن ۾ جلد ڪئي ويئي. ڪين هاڻي منهنجي شاديءَ جي چنتا هئي. جيڪي رشتا ايندا هئا انهن کي پئسي جي گهر هئي، ايتري ۾ ڪنهن صلاح ڏني تہ منهنجي شادي ڪيل ڀيڻ جو ڏير وينو آهي. ڳالهيون هلنديون رهيون. اٽڪل ٣ سالن کان پوءِ چوڪري جو وڏو ڀاءُ اَسان وٽ آگري ۾ آيو. مون پنهنجي پيءُ جي آگيا اَنوسار بہ ڏينهن ۽ رات ڪم ڪري سئيٽر مڙهي ڪيس ناهي ڏنو، جيڪو ڪيس ڏاڍو وڻيو ۽ هن پاڻ منهنجي گُهر پنهنجي ڀاءُ لاءِ ڪئي. مون ننڍي هوندي چوڪرو ڏٺو هو، سرير ۾ ڏاڍو پريل هو. مون پهرين تہ اِنڪار ڪيو، پر منهنجي ڀاڄائيءَ مونکي سمجهايو ۽ ائين هن سان منهنجي شادي ٿي.

شاديءَ لاءِ هوُ صرف ٣ ڏينهن موڪل وٺي آيو هو. هو سڀاءَ جو عجيب طرح جو هو. هوُ ڪڏهن بہ پنهنجي غلطي ڪين محسوس ڪيندو هو. پر مان ڇا ٿي ڪري سگهيس.

وچن. اُهي اهو محسوس بہ ڪري سگهيا آهن، جيئن لهرن جو منڙو آواز هوندو آهي. سيتل هوائن جو ڇهاءُ هوندو آهي. سندس من ۾ هاڪاري ڀاوَ اُپرندا آهن. آخر ۾ هوُ هڪ عجيب يا غئبي شڪتي حاصل ڪري پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪندو آهي.

لکڻ بہ آهي هڪ پيار ڪرڻ جو طريقو، جيڪو ڏکئي وقت ۾ آتت بڻجي اُميدن کي اُجاگر تہ ڪري.

هيءُ سڀ محسوس ڪندي منهنجي پتني اَنيتا مونکي پنهنجي فن ۾ سمپورڻ سهڪار ڏنو. منهنجي لکڻ ۾ هوءَ اَرهي هوندي بہ سرهي ٿيندي هئي. لکڻ وقت اگر سندس ساٿ ملندو هو تہ مان جڏهن ڪيس پنهنجي لکٽي پڙهي ٻڌائيندو هوس، تہ هوءَ ٻڌي سرهي ٿيندي هئي. منهنجي زندگيءَ ۾ پرويش ڪندي هن پنجونجاهہ سال، ٽي مهنا ۽ ٢۴ ڏينهن گذاريا ۽ ان عرصي ۾ هن منهنجي پريوار ۽ منهنجي پوري پرگهور لڌي. هوءَ زندهہ دل هئي. اوکيءَ سوکيءَ ۾ هڏ ڏيڻ واري، ڪشٽ ڪليش وقت حوصلو بلند رکڻ واري، اصولن ۽ آدرشن تي اَڏول. هن ۾ ماءُ جي ممتامئي، هرهڪ لاءِ سندس اَلڳہ عزت ۽ شرڌا هئي ۽ گهر ۾ هرڪنهن لاءِ آدر. ٻين جي خوشيءَ ۾ هوءَ پنهنجي خوشي محسوس ڪندي هئي. هوءَ ان ۾ فخر وٺندي هئي. نہ ڪنهن کي رنجائيندي هئي ۽ نہ ڪنهن جو رنج ڪٽندي هئي ۽ نہ وري ڪا پرائي پڇار. وهنوار، پيار ۽ اُپڪار لاءِ هوءَ ذهين هئي. هوءَ جٽڪ هر طرح ماهر هئي. چوندي هئي، ”شل ڏاهڳہ جو ڏکہ نہ ڏسان“ ۽ سندس مرتيو وقت گهر جا مڙيوئي ڀاتي سندس ويجهو هئا. هوءَ هڪ گهر مان نڪري ٻئي گهر ۾ ويئي ۽ پنهنجون يادون ڇڏيندي ويئي. پوءِ بہ هوءَ وسارڻ واري اِستري ڪانہ هئي. هوءَ اَڄ بہ آهي، ڪلهہ بہ هئي ۽ هميشهہ ياد رهندي.

هر ويل مونکي پنهنجين ساهتيڪ مشغولين ۾ ڏسي وچرندي بہ هئي، پوءِ بہ برڪ نہ ٻوليندي هئي. هوءَ سيني جيان خوش‌ميہ گرهستي جيون جي چاهڪ هئي. پوءِ بہ هن منهنجيءَ گنپيرتا کي مان ڏنو. لکيل رچنا جڏهن ڪيس پڙهي ٻڌائيندو هوس تہ ان ۾ ڦيرگهير آڻڻ لاءِ سهڻيون صلاحون ڏيندي هئي ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ضروري ٿي پوندو هو. ساهت ڪيتر ۾ ڪيس ڪيترائي مان-سنمان ۽ انعام مليا. پوءِ بہ هوءَ مغرور نہ پر حليم ٿي رهي، ڪڏهن بہ منچ تي عام اڳيان ڪانہ آئي.

اَنيتا جي قلم مان

اسان جي خاندان ڪو ننڍو ڪين هو. اسين پاڻ ۾ چار ڀينر ۽ پنج ڀائر آهيون

سيکاريو.

ساهتيہ کيتر ۾ قدم رکڻ لاءِ مون اکيلي سر محنت ڪئي. ڪجهہ بہ لکڻ تي دل ٿيندي هئي تہ ان کان اڳ، ان تي گهرو سوچيندي هئس. هن سان صلاح ڪندي هئس ۽ ڪوشش ڪري هڪ ئي بئنڪ ۾ لکي پورو ڪندي هئس. اگر ڪا رچنا اڌ ۾ رهجي ويندي هئي تہ اُها تيسين اڌ ۾ رهندي جيسين وري اُمنگن پڙکو نہ کاڌو آهي.

جڏهن منهنجو بيبوُ (لليت) منهنجيءَ گود ۾ آيو تہ وڏو ٿيڻ سان هوُ منهنجو پورو پورو ڌيان رکندو هو. هوُ پنهنجي پپا کي چٿي سگهندو هو، ”پپا! توهان کي خبر بہ ڪانہ ٿي پوي تہ مما ڪجهہ کاڌو ڪونہ آهي؟“ ان جي جواب ۾ هوُ چوي، ”مونکي ڪهڙي خبر؟“

جڏهن کان مون لکڻ، پڙهڻ ۽ ساهتيہ جي ڳالهين ۾ ڪيس ساٿ ڏنو تہ مان پاڻ کي حالتن سان ٺهڪائيندي ٿي ويس. پورا ٣٢ سال سرڪاري نوڪري ڪري هن وڏي عهدي تان رٽايو ڪيو تہ پنهنجو پاڻ سندس دل ۾ مون لاءِ پيار اُپرندو ٿي رهيو. مان بہ هاڻي سندس ساهتيڪ شغل ۾ ناراض ڪين ٿيندي هئس مان جو بہ ڪجهہ لکندي هئس هوُ اُنهن کي سڌاري سنواري اخبارن کي موڪليندو هو. پاڻ هن دوران مونکي بہ سڃاڻڻ لڳا هئا. مونسان گڏجڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ فخر وٺندا هئا. منهنجي هيءَ ننڍڙي دنيا چٽڪ مون لاءِ وندر جو خزانو هو. سرڳ منهنجين ٻانهن ۾ هو.

۽ ان کان پوءِ

ساهتيہ کيتر ۾ پير ڌرڻ لاءِ اَنيتا گهڻو اَيياس ڪيو جنهن ڪارڻ سندس قلم ۾ قوت اَچي ويئي. هن اِستري جيون تي لکيو، ٻال جيون ۽ ٻال صحت تي لکيو. ٻال ڪهاڻيون، ٻال گيت لکيا، البت هوءَ منچ تي اَچڻ کان هر وقت ڪيٻائيندي هئي، پوءِ بہ آڪاشواڻي يا دوردرشن يا سميلن جي آيل نيندڊ جو هن هميشهہ سواڳت ڪيو. هن ساهتيڪارين، اديبائن ۽ ڪويترين جي صحتمند صحبت ماڻي، پر جيئن ئي ١٩٧١ع ۾ سندس گود پري هئي، سندس پٽڙو ئي سندس لاءِ سڀ ڪجهہ هو؛ جنهن ڪارڻ سندس قلم جي رفتار ڍلي ٿي ويئي. هوءَ پنهنجي لال جي پالڻ پوشڻ ۾ وڏيڪ آنند ماڻيندي هئي. هوءَ گهرڌياڻي تہ هئي، پر چٽڪ هوءَ ساري پريوار جي مالڪياڻي هئي. ڪيس هر منش لاءِ آدرڀاو هو.هوءَ پاڻ کان وڏن کي ڀرپور عزت ڏيندي هئي. هن پنهنجيءَ سَسُ جي بہ پوري صدق ۽ ادب سان ١٠ سال شيوا ڪئي جيسين هوءَ بسترِي تي هئي. گهر جي ننڍي وڏي ۽ آئي

زندگيءَ تہ هاڻ، هن سان ئي گذر ڪرڻي هئي. مان پاڻ کي نهڪائڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس.

جواني ۽ نئين شادي. هيءُ اهو وقت هو جڏهن مان تمام سندر ۽ موهيندڙ لڳندي هئس. شاديءَ کان پوءِ هن جڏهن پنهنجي آفيس وارن کي پارٽي تي ڏني، جتي مان بہ حاضر هئس تہ هڪ جڻي چرچو ڪندي ڪيس چيو، ”توهان سچ پچ سول مئريج ڪري آيا آهيو، يا ڇوڪري ڀڄائي آيا آهيو.“ مان ڇپن ۾ مشڪندي رهيس. اها منهنجي شخصيت جي ساک هئي، راز ڀري واڪاڻ هئي.

شادي ڪئي پنج مهنا ئي مس ٿيا هئا جو منهنجي پيءُ جو اوچتو دل جو دؤرو پوڻ ڪارڻ ديهانت ٿيو. مون سمجهيو تہ هاڻ منهنجو سڀ ڪجهہ ويندو رهيو آهي. منهنجو سارو وقت روئڻ ۾ گذرندو هو. منهنجي اَمان (سس) جيڪا ان وقت مون سان راجڪوٽ ۾ رهيل هئي، ڏاڍو سمجهائيندي هئي. قدرت سان اسان جا گرو اسان وٽ راجڪوٽ آيا. اَمان منهنجي ڳالهہ هنن سان ڪئي تہ گروجن پاڀوهہ مان چيو، ”مونکي پنهنجو پيءُ سمجهہ.“ منهنجي من تي جادو ٿي ويو. جيڪي بہ ڏينهن سائينجن رهيا گهر ۾ جڻ سرڳہ لٿو پيو هوندو هو. آهستي آهستي منهنجي من کي شانتي ملي.

هن جو سڀاءُ بہ عجيب طرح جو هو. ڪڏهن تہ مان سوچيندي هئس تہ ڪيئن هن سان زندگيءَ پر جو گذارو ٿيندو. مڱڻي کان پوءِ هوُ مونکي وڏا وڏا خط لکندو هو. منهنجا مائٽ مونکي سمجهائيندا هئا، ”سڪليڊو بار تي پليو آهي، ان لاءِ مان دل ۾ نہ ڪيان.“ مان چوان، ”پر هو توهان لاءِ ڪجهہ بہ چوندو تہ مان جواب ضرور ڏيندس.“ پوءِ بہ منهنجا مائٽ مونکي سمجهائيندا هئا تہ مان هن سان نهڪي هلان. هنن مونکان اَنجام ورتو ۽ مون اَنجام پاڙيو.

عهدي ڪري هو برابر آفيسر هو، پر پگهار پوري ساري. مونکي گهڻو ڪجهہ لکنوءِ مان ايندو هو. مون پاڻ کي هن جي سڀاوَ تي نهڪائڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ڏٺم تہ مان ڪيڏو نہ خوش آهيان. سندس نندين وڏين ڳالهين مڃيندي هئس، ايترو جو دادا جي قضئي کي اَجا ٧ ڏينهن مس ٿيا هئا، جو هن پڪچر تي هلڻ لاءِ ضد ڪيو، وڃڻو پيو. پاسي واريءَ سان ڳالهائڻ ۾ بہ منع ڪري. گهر جو در بند ڪري ويهي رهي. مان ٻرڪ بہ ڪين ٻوليان. گهر جا ڀاتي بہ ڪجهہ چون تہ مان شرم کان جواب نہ ڏيان. سندس ان سڀاءُ جي ڪري مون تنگہ جيون گهاريو، پوءِ بہ مالڪ جي مهر تي جو ڪارا بادل آخر هٽجي ويا. وقت گذرندي سندس سڀاءُ ۾ بہ ڦيرو اَچي ويو هو. سڄو وقت پيو ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندو هو. هن مونکي بہ لکڻ

لفظن اندر ڇهاءُ - ڪيڏو آدرياءُ

اَنيتا گهر کي پنهنجو مندر سمجهندي هئي. گهر کان ٻاهر گهٽوٽڻو ڪين
ڪرندي هئي. هوءَ ڀرين گهرڏياڻي هئي، پوءِ پتني، نونهن ۽ ماءُ هئي. ڪنهن
سان هڪ دفعو واقفيت ٿيندس تہ ڪيس چاهڻ لڳندي هئي. هڪ دفعو ڪنهن سان
دل لڳي ويندس تہ ان کي مور نہ وساريندي. هوءَ ڪيترين اديبائن لاءِ چاتل
سڃاتل هئي ۽ سندس ديهانت جي خبر ٻڌندي ڪي غم ۾ ٻڏي وييون ۽ پوءِ هنن
ان غم جو اظهار ڪيو. خاص طور ذڪر لائق آهن.

(۱) سوني مولچنداڻي-ٻيلاڻي-ممبئي (۲) ديا لکي جشناڻي-اُلهاسنگر-۵،
(۳) ڪانتا ايس. ايسراڻي-ڪار-بمبئي، (۴) يوجراج ڪيماڻي-ممبئي، ان ڪانپوءِ
وينا شرنگي-دهلي، شوپا لالچنداڻي-ممبئي، شيلا پڳٽ-وڌالا ممبئي، جن فون
ذريعي پنهنجي دک جو اظهار ڪيو. اَنيتا جي اَنت گهڙي هئي صبح جا ۱۱ لڳي
۴۰ منٽ، تاريخ ۲۲-۱-۲۰۱۲. ساڳيءَ تاريخ تي منهنجيءَ ماتا جو ۱۹۹۵ع ۾
ديهانت ٿيو هو.

شريمتي اَنيتا جي ديهانت تي جن ٻين ساهتيڪارن ڪمل پياسيءَ سان دک
جو اظهار ڪيو، سي آهن :

(احمدآباد) - ارجن حاسد، ڪسن خوبچنداڻي، ڪنعيو ڪٽر-(ممبئي)، ڪملا
گوڪلاڻي (اَجمير)، پورڻ چينواڻي، نند ڇڳاڻي، يوجراج ڪيماڻي، آنند آهوجا.
(پونا)، لڇمڻ هردواڻي (ناگپور)- شيام سچانانداڻي. (پيلواڙا) گلابچند
ميرچنداڻي. (جبلپور) موهنلال گربخشاڻي. (راجڪوٽ) دادا رامچند ڪارڙا.
(بئنگلور) ويرل ڪارڙا. (حيدرآباد) گوپ آڏواڻي. ان ڪانسواءِ ڪيترائي گهڻگهرا.
گانڌينگر (گجرات)، احمدآباد، ٻڙودا، جي دور ۽ ويجهيءَ پسگردائيءَ وارن سان
روبرو گڏجي دک مو ساڻ ڏيڻ لاءِ آيا- اسين انهن سڀني جا شڪرگذار آهيون.

Loved ones never ever leave,
They remain forever near.
Their love lives on always within us.
In memories that our hearts hold dear.

We express our gratitude in all our Nears & Dears, Relatives & well wishers, who stood with us in the Hour of our GRIEF.

Kewalramani Family

وئي کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، ڪنهن کي بہ ڪنهن طرح اِنڪار ڪونہ ڪندي هئي.

ساهتيہ کيتر ۾ ڪيس جيڪي انعام-سنمان مليا هوءِ اُنهيءَ لاءِ فخر ان ڪري ڪندي هئي جو اُهو سندس محنت جي ڦل جو نتيجو هئا. مونکي بہ ڪٿي سنمان، عزت ملندي هئي، پوءِ اُهو چاهي ساهتيہ کيتر ۾ هجي، سماجڪ يا ڌارمڪ کيتر ۾ هجي يا سرڪاري نوڪري جي کيتر ۾ هجي، هوءِ اُهو بڌي نري ٻڳہ ٿي پوندي هئي. مليل سوغاتن ۽ شالن کي هوءِ حفاظت سان سنڀالي رکندي هئي. ايڏو ڪجهہ هوندي بہ ڪيس ڪا مغروري ڪانہ هئي، ڇو تہ هوءِ ڌارمڪ ويچارن جي هئي. گهر ۾ گرو گرنٿ صاحب رکيل هو ۽ صبوح شام ان جي شيوا ڪندي هئي. ورت نيم ۾ بہ وشواس هوس. ستنارائڻ جي ڪٿا نيمت ڪندي هئي. خاص ڏينهن تي اُپواس بہ رکندي هئي. گهر کان ٻاهر، ڪٿي بہ ڪنهن خاص ڪاريہ لاءِ سڏ ٿيندس تہ اُتي حاضر رهندي هئي. ڪم ڪرڻ جي لڳن هئس، گهر جي جوابداري بہ هن پوريءَ طرح سنڀالي. شروعات ۾ تہ ائين چوندي هئي تہ گهر ونندس تہ اُهو سهڻو سجائيندس ۽ جڏهن سندس ياڳہ ۾ پورا بہ گهر آيا تہ هڪ سندس ۽ هڪ سندس پٽ جي نالي ۾ ٿيو. هوءِ پاڻ ان ۾ خوشي محسوس ڪندي هئي. هن مونسان زندگيءَ ۾ اَڌ صديءَ کان مٿي ساٿ نڀاهيو ۽ مونکي هر دِشا ۾، هر ڪاريہ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ سهڪار ڏنو. آخرين وقت ۾ بہ مان سندس سيرانديءَ کان ويٺو هوس ۽ سندس پٽ ۽ نهن، پاسن کان بيٺا هئس. ائين ئي ڏسندي-ڏسندي پکيئڙو پرواز ڪري ويو. هوءِ ڪِن پَلَ ۾ اُڏامي ويئي.

هوءِ هئي، هوءِ آهي ۽ هوءِ رهندي، جيسين سندس ساهتيڪ سامگري سلامت رهندي. سندس ڪي گيت انگريزيءَ ۾ انواد ٿيا تہ ڪي ڪهاڻيون گجراتيءَ ۾. ڪيس سنڌي ڀاشا سان گڏ انگريزي، هندي، گجراتي ۽ پنجابي ڀاشائن جي بہ ڄاڻ هئي. گرو گرنٿ صاحب سان لڳاءُ هوندي بہ سندس لاڙو شرڌي سائين بابا ڏانهن بہ هو ۽ صبوح جو بسترو ڇڏيندي ٻنهي جي تصويرن کي نمسڪار ڪندي هئي.. ڪوشش ڪري هوءِ ڪنهن کي بہ اَهنج نہ رسائيندي هئي. احمدآباد ۾ اسان جي گهر جي هيٺان ستسنگ ٿيندو هو، هوءِ ڪوشش ڪري اهو نہ گسائيندي هئي. گهر ۾ آيل ڌارمڪ پستڪ بہ سنڀالي رکندي هئي، البت پنهنجي پٽ کان ڪجهہ نہ ڪجهہ گهرڻ لاءِ انگل ضرور ڪندي هئي، شايد ان مان ڪيس راحت ملندي هئي.

هوءِ اِنساني روپ ۾ ديوي هئي، مهان هئي، اوچ هئي.

صحيح سچاتو جن

سندس سانت ۾ سوچ جا طوفان هوندا هئا. گهر هن لاءِ مندر هو. هو ڏيندي رهي سيني کي پيار. هن جو لڳاءُ اَڄ اُها شاهدي تو ڏئي. هنن نہ محسوس ڪيو آهي ۽ نہ محسوس ڪري سگهندا تہ هوءَ آهي - هوءَ آهي، سندس ياد هنن جو بہ سهڪار ڏنو آهي يا ڪنهن طرح هٿ ڏگهيڙيو آهي هن ڪاريہ ۾، اهو سندس صدق، سنيهہ ۽ سڪ ڪارڻ ئي آهي.

١. ميران (ڪملا) پريتم - ڪرناڻي - چڪاگو - آمريڪا

پنهنجي جيون ساٿي پريتم ڪرناڻي جي پوتر ياد کي قائم رکڻ لاءِ، هن پستڪ لاءِ آشيرواد جو هٿ ڏگهيڙيو آهي. شل سندس مڙيوئي مرادون پوريون ٿين. ميران اَنيتا جي سڳي ڀيڻ آهي.

٢. ڪانتا - سترام - ايسراڻي - ڪار - ممبئي.

مونکي خبر آهي تہ پياسي جي پياس ٻجهڻ واري ناهي - هو پيو پيئاريندو آهي ۽ اسين پيئندا ويندا آهيون. خبر ناهي ڪڏ ن اُها اُڄ لهي. اديبا منهنجي لاءِ پياري ڀاڀي هئي، اديبا اَنيتا لاءِ گهڻيون گهڻيون دعائون.

٣. ديا لکي جشناڻي - اُلهاسنگر - ٥.

هئڙي سندر ڪاريہ لاءِ هٿ وڌائيندي فخر تو ٿئيم. مان ڀاڳيوان آهيان، هو مونکي هن طرح ياد ڪيو ويو هو.

٤. هريش ڀڳوان ڀالاڻي - باندرا - ممبئي.

انڪل کي ننديڻ ڪان ساهتيہ رُچي آهي، اگر ڪوبہ هن بابت ڪجهہ پڇندو تہ مان فخر سان چوندو آهيان تہ هوُ منهنجو پيارو انڪل جيجاجي آهي. اسان کي هن تي فخر اهي.

٥. آنند آهوجا - ڪار - ممبئي.

هئڙي سني ڪاريہ ۾ پڇڻ جي کهڙي درڪار.

قرب ۽ عقيدت

ڀيڻ اَنيتا جي خبر پيئي هئي. افسوس ٿيو ڪنهن جو وس نہ تو هلي. ساهت اڪاڊمي جي ٻنهي ايڪزيڪيوٽو بورڊ ۽ جنرل ڪائونسل ۾ شوڪ پرستاءُ پاس ڪرايو هوم. ٻين ٻولين جي سداحيات ليکڪن سان گڏ، ڪارڊ بہ لکيو هوم.

- واسديو موهي - ٢١-٣-٢٠١٢

گيت

جيون جوت وسامي

١- جيئڻ ئي لات جو پڙڪو ٿيو، اعلان اُجالي جو آيو،
ائين لڳو چڻ هاٽي ڪائي - ويندي آس اُجهامي،
پو بہ اُميدن جي آڱنڊ ۾ - آيو ڪو اَنترِيامي.
سا جيون جوت وسامي.

٢- ڪين اکر ڪوڙا جنهن ٻوليا - منڙي ماڪيءَ جهڙي لات،
امرت جهڙا شبد سندس ها، سڳنڌي هن جي بات،
حاضر جا هر ويل سدائين - چو تہ هئي نشڪامي،
سا جيون جوت وسامي.

٣- هن جو هردو ڪومل ڪومل - اُمنگن جي معصوم اُڏام،
ننڍي وڏي سان آءُ ڀاءُ ۽ پريت ڀريو هرڪو پيغام،
دک نہ سهي سگهندي ڪنهن جو هوءَ، ڪين سهي بدنامي،
سا جيون جوت وسامي.

٤- عزت وڏنَ لاءِ، قرب ننڍن لاءِ، معصومن لاءِ پيار،
هرڪنهن سان هڪ جهڙو ناتو ۽ هڪ جهڙو وهنوار،
دل جي هئي شفاف هردم - ڪين هئس گمنامي،
سا جيون جوت وسامي.

٥- ڏيان گهر جي هر ڀاتيءَ لاءِ، عزت آدرڀاءُ سڀن لاءِ،
جو ڀي چائنٽ ٽپي اَچي گهر، حب ڏئي هر وار انهن کي،
پاڻ ڪويتري، هر فنڪار سان شرڌا ڀري سلامي،
سا جيون جوت وسامي.

٦- آلس ڪين اکين ۾ هن جي - هيون تيز سندس نگاهون،
سندس چپن مان هردم هرڪنهن لاءِ نڪتيون سدا دعائون،
آئين **آنيتا** نالو هن جو- گرديوي اَنترِيامي،
سا جيون جوت وسامي.

- ڪمل پياسي

هاٺي اَنيتا ڪمل گڏي. واھ ڇا ھرھڪ کي گلي لڳائي گڏي. ڇا ڳالھائڻ جي سٺي، مٺي، ڇا پيار ڇا حب. خوبصورت، ناھوڪي، سنا روش، ٽپ ٽاپ پرسنلٽي جي مالڪياڻي. مان تہ ھن جي اِن نموني کي ھڪ ’اَدا‘ چونديس يا ھن جو ’پنھنجو اِسٽائيل‘. ھوءَ فئشنبل بہ ھئي. ھاٺي ھوءَ مون سان گڏي. گلي تہ لڳايائين، ھڪ دفعو، ٻيو دفعو ۽ ڳراٺري پاتائين. ’’اَڙي سوني تون تہ ننڍي آھي پر مونکي خوشي آھي، اَسان جو تعداد وڌندو رھي.‘‘ مان ھن کي ڏسندي رھيس. ھيتري مھان ۽ برک ليکڪا ۽ ھيترو حب! ھيترو اَپناپڻ! ذرا بہ مغروري نہ! تعجب آھي. واھ جي جوڙي آھي!! جھڙو گھوٽ تھڙي زال.

لکڻ پڙھڻ کا سولي ڳالھ ڪانھي ۽ خاص ڪري توھان جو ڪو لکش آھي تہ ڪافي محنت ضروري آھي. اَنيتا بہ ڪافي محنت ڪئي. ھن ڪافي ساھتيہ ڇپائي پڌرو ڪيو. اَنيتا جا اَٽڪل ١٩ ڪتاب ڇپجي چڪا آھن. ڪي ڪھاڻي سنگرھ تہ ڪي ڪويتا سنگرھ.

اَنيتا ڪمل اَسان جي جاتيءَ جي پھرين عورت آھي جنھن کي يونيسڪو UNESCO سندس ڪتاب ’’اِستري درشن‘‘ لاءِ اِنعام سان نوازيو. اِن ڪانسواءِ گجرات سنڌي اَڪادمي پاران ڪيس پنجن ڪتابن ’’پرورش‘‘، ’’ناري جيون گلشن گلشن‘‘، ’’پکيئڙا ھڪ ڏال جا‘‘، ’’ناري ۽ ناري‘‘، ’’ڪِڙيا ڪٿھاڙ‘‘ لاءِ اِنعام مليا. اِن ڪانسواءِ اين. سي. پي. ايس. ايل. NCPSL پاران. اَنيتا ڪمل جي ڪتاب ’’ھڪ نئين شروعات‘‘ لاءِ اِنعام عطا ٿيو.

اَنيتا صرف لکڻ پڙھڻ نہ گڏوگڏ پنھنجو گھر پريوار بہ سڦل نموني سنڀاليو.

سچ ڪمل پياسي ۽ اَنيتا ڪمل سنڌي ساھتيہ جو سرجڻ ڪندا رھيا آھن. ڪمل ۽ اَنيتا، اَنيتا ۽ ڪمل اَسان جي سنڌيت جي آڪاش جا چمڪندڙ ستارا آھن. شل جوڙي سلامت رھي. اِھا ئي دعا ڪين ملندي رھي آھي... پر....

اَفسوس... اَفسوس... ھيءَ دعا وڌيڪ منظور نہ پيئي. وقت اَچي ويو. اَسان جي مھان برک ليکڪا ياپي اَنيتا، ديدي اَنيتا، ڀيڻ اَنيتا، عورتن کي ساٿ ڏيڻ واري اَنيتا، نيڪ دل عورت، اَسان جي پياري ياءُ ڪمل جي اَنيتا، ڪمل جي سدا بھار جيون ساٿڻ اَسان سان جڙيل نہ رھي. ڪمل جي اَنيتا، للت جي ممي، ديپا جي پيار واري سس يا ممي ۽ سويٽ سويٽ سِمرن چترا جي ڊيئريسٽ دادي (ٻڙي ممي) ھن دنيا ۾ نہ رھي. 23 جنوري 2012 تي 81 سالن جي عمر ۾ اَنيتا ’سدا سھاڳڻ‘ جي آسيس سان نياھيو. بالاٺي پريوار جي ڏيءُ نانڪي ڦيرومل ھن دنيا مان چالاڻو ڪري ويئي.

اَنيتا ڪمل ڪيولراماڻي ”پياسي“ اَنيتا سدابهار

سنو جيون ساٿي ملي اِها نصيب جي ڳالهہ آهي. پيار، عزت، ڀاونا، وشواس، موهہ، خيالن جو ميل، هر خوشي، غم ۾ ساٿ ڏيڻ. هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي گڏجي هلندا رهن اُهي خوش نصيب جوڙا ٿا ڪوٺجن. هڪ ٻئي جي پيار ۾ پاڻ سمائي ڇڏين، رنگ ۾ رڱجي وڃن. ڏسندڙ هنن کي ڏسي اَزخود چون واهہ! ڇا تہ جوڙي آهي. Made for each other.

هونئن هم پيشي جيون ساٿي هجڻ، اِهو هرڪو چاهيندو آهي، هرويرو ٿيندو ڪانهي پر اِئين ٿيو آهي. اَسان جي پنهنجي سنڌي جاتيءَ ۾ اَهڙا ڪيترا جوڙا آهن، ڀل ڪيتر اَلڳ اَلڳ هجن. ساهتيہ کيتر ۾ اَسان وٽ ڪافي جوڙا آهن، جن جفاڪشي ۽ بي اِنتها محنت ڀئي ڪئي آهي. هنن جو لڪش (اُديش) رهيو آهي. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ کي برقرار رکڻ. شري ڪمل پياسي ۽ شريمتي اَنيتا ڪمل اَهڙن جوڙن مان هڪ آهي جا صرف داد ۽ شاباسيءَ جي حقدار ۽ قابل آهي. هڪ لائق ۽ سمجهدار جوڙو.

گجرات جي شري ڪمل ۽ اَنيتا ڪمل مُدت کان سنڌي ساهتيہ جو ديپڪ جلائي رکيو آهي. محنت، سچي لگن ۽ جاکوڙ سان سنڌي ساهتيہ جڳت ۾ ڌوم مچائي آهي. ايتري پيار سان کيل شيوائن لاءِ کين ڪافي اِنعامن سان نوازيو ويو آهي پر اِنعامن جي حاصلات هنن جو لڪش ڪانهي بلڪ ٻولي زندهہ رهي، سنڌيت ۽ هرهڪ سنڌيءَ جي identity برقرار رهي جنهن لاءِ هنن جي حد رهي آهي آسمان جي اوچائي. هن جوڙي جي خاص ڳالهہ آهي جو ٻنهي تخلص بہ ساڳيو يا هڪ ئي ”پياسي“.

مون هن جوڙي کي پڙهيو هو پر سندن سان روبرو ملاقات ٿي مارچ ١٩٨٨ (1988) ۾ جڏهن ”آل اِنديا سنڌي ليڊي رائيٽرس“ جو سيمينار اَحمدآباد ۾ ٿيو. شري ڪمل پياسي اُن وقت گجرات سنڌي اَڪادمي جو اَسسٽنٽ ڊائريڪٽر آف لئنگيوجس پد تي هو. ڪافي اَديبائون پهتل هيوسين. شري ڪمل تہ گڏيا.

تي ويا ۽ جا ڏار وڻ کان ڏار تي سا سڪي ويئي. چوندي هئي اؤلاد کي اهو ڪي ورثي ۾ ڏجي جو ان کي پائي اؤلاد احسانمند رهي ۽ پريوار جو نالو روشن ڪري. هن پنهنجي پٽ لليت ۾ اوچ گڻ اُتپن ڪيا. صفائي، سنجم، سادگي، سچائي، سنتوش، سهنشيلتا ۽ شيوا جا گڻ ڀريائين. ننڍي هوندي کان نياز ادب ۾ اخلاق جا انيڪ سنسڪار ڦوڪيائين. سڀاءُ جي ڏاڍي سڀاجهي، خوشمزاج ۽ هميشهہ مشڪندي هئي. اَنيتا ديدي ۽ سندس پريوار تي پيلواڙا جي سنتن جي وڏي آسيس هئي. هوءَ پنهنجي پتي ديو سان قدم سان قدم ملائي هلي. اها زندگي جي گاڏي هجي يا ساهتيڪ کيتر هجي. دادا ڪمل پياسي ۽ اَنيتا ڪمل پياسي ٻئي ساهتيڪ کيتر ۾ نامور هستين جي قطار ۾ شامل آهن. ٻئي هڪ ٻئي جي پريرڻا بڻيا. مان اُنهن کي ١٩٩٢ کان سڃاڻان جڏهن مان ساهتيڪ کيتر ۾ اَچا نئين هئس. تڏهن دادا ڪمل پياسي ۽ اَنيتا منهنجي ساهتيڪ کيتر جا رهبر هئا. مان خاص اَنيتا سان احمدآباد ملڻ ويئي هئس ۽ فون تي ڳالهائڻ ٿيندو رهندو هو. هرهڪ ناريءَ کي سڀاويڪ اها چاهنا ٿيندي آهي تہ هوءَ ڏهاڳڻ جو ڏُکہ نہ ڏسي ۽ پتي ديو جي هٿن ۾ سڪي ٿئي. هڪ ڏينهن فون تي چيائين، ”نياڻي آهين آسيس ڪر تہ مان پنهنجي پتي ديو جي سڀاجهن هٿن ۾ سرهي ٿيان.“ اُهي اکر سندس سچا ثابت ٿيا. هوءَ پنهنجي پتي ڪمل پياسي جي هٿن ۾ سرهي ٿي ۽ ڏهاڳڻ جو ڏُکہ نہ ڏٺائين. شل اهڙي آسيس مون تي بہ ڪري. هن پريم ۾ پنهنجي منڙي سڀاءُ سان ۽ سڪ سان سڀ جي سار لڌي. اسان سندس ٿورا ڪڏهن بہ وساري نہ سگهنداسين. پنهنجي مهر ميا جون سيني مٿان بوندون ورسائج. اسان کان ڪا بہ ڀل چوڪ ٿي هجي تہ بخش ڪجانءِ. تون دل سان معاف ڪجانءِ.

اسان پرماتما اڳيان شيش ڌري پرارٿنا ٿا ڪيون تہ جيجل پنهنجي مهر مايا جو هٿ اُتان بہ موڪليندي رهج.

(هندواسي ١٢-٢-٢٠١٢)

> ’ناري نور جهان جو‘ ڪور جي اندرئين پيج تي دکہ ڀري خبر پڙهيم. دل کي ڌڪڪو رسيو. اَنيتا جو وڇوڙو توهان جي ڪٽنب لاءِ وڏو صدمو آهي. ايشور توهان کي سهن شڪتي ڏئي. ساهتيہ جڳت ۾ پڻ اَنيتا جو يوگدان وسارڻ جو ناهي. هيءُ ڪتاب سندس يادين سان ڀريو پيو آهي. جهڙو عنوان اوتري ئي سندس اعليٰ شخصيت هئي.
>
> - هري هملاڻي-اجمير

ٽيليفون تي اِها ڏکدائڪ خبر ڀاءُ ڪمل ڏيندي روئي پيو. ”سوني جيئن، ڏينهن گذري ٿو ته يادين وڌن پيئون. هي خال ته پرجي نه سگهندو.“ سچ جيون ساٿي ڇڏي وڃي سو به هن اوسٿا ۾!

اَسين ڪير آهيون سڀ ڪجهه ڏسڻ ۽ سهڻ وارا. ڀاءُ ڪمل ۽ للت، ديپا، سمرن کي پرماتما همٿ ۽ سهڻ شڪتي بخشي هي صدمو سهڻ لاءِ. اَسان جي اَنيتا جي آتما کي شانتي بخشي، ڪيس پنهنجن چرنن ۾ جڳهه ڏيئي. مڪتي پراپت ڪرائي. باقي اَنيتا ته وِساريو نه وسري.

اَنيتا اَڄ به اَسان سان آهي. اَنيتا جون اَڻ ڳڻت يادون اَسان کان وسرنديون! پر جنم مرڻ کان مڪتي ملي ويس.

جنم مرڻ کان مڪتي، مان مرليڌر جي پر ۾ آهيان،
ڪيڏو پيار، ڪيڏو سندر ۽ باجهارو آهي مرليڌر،
سِڪ صدق ۾ پيارو آ، تنهي ڀڳن جو رکپال آ،
سڀني سان سڪ وارو آ، چت کي آ راحت هر پل،
مان آهيان سندن جي چرڻن ۾، گڏ آهن مون سان،
اوم، سَتِ، چِتِ، آنند، شِرڌا، صبوري،
جو ڪلهه هو سو اَڄ ناهي، اَڄ آهي سو سڀاڻي نه هوندو،
چرخو اَهڙو هلي ٿو ’پياسي‘، پريوءَ جي آهي پرماڻ،
سدا حيات اَنيتا ڪمل پياسي.
اَنيتا جي آشيرواد ضرور اَسان سان گڏ آهي.

”سرڳواسي شريمتي اَنيتا ڪمل ڪيولراماڻي جي پوتر ياد ۾“

- ديا لکي جشناڻي

23 جنوري 2012 صبح جو 11 لڳي 40 منٽ فون آيو ته ڀاڀي اَنيتا ڪمل پياسي هن سنسار جو سفر پوري ڪري وڃي پريوءَ جي چرنن ۾ واسو ڪيو.

اَنيتا پنهنجي سدوري سڀاءُ سان، سَهنشيلتا ۽ شيوا جي گڻن سان سڀني جي دلين ۾ سمائجي ويئي. هن کي گڏيل ڪٽنب ۾ رهڻ پسند هو. هن جي ڪٽنب ۾ دادا ڪمل پياسي، اَنيتا ڪمل پياسي، پٽ لليت ننهن سمرن ۽ پوٽي چترا هئا. اِئين چوندي هئي ته جيڪي ڪٺا اَنبار کان ڇڄي ڏار ٿيا سي پيسجي اٽو

سرڳواسي شريمتي اَنيتا ڪمل ڪيولراماڻيءَ جي پوتر ياد ۾

شريمتي اَنيتا ڪمل پياسي، احمدآباد جي سرڳواس ٿيڻ جي خبر ٻڌي بيحد ڏک ٿيو، دادي سرل، سادي ۽ سباجهي سڀاو سان سڀني جي دل جيتي وٺندي هئي. سدائين مشڪي منو ڳالهائي. فون ڪرڻ تي جڏهن شري ڪمل پياسي گهر ۾ ڪونه هوندا هئا ته مٺڙي آواز ۾ چوندي هئي ته سندس گهر اچڻ ڪانپوءِ فون ڪرائيندس ۽ برابر ٿوري وقت ۾ سندس فون ايندو هو. هن پيڻ ساهتيڪ ڪيتر ۾ پي پاڻ ملهايو. ساهتيڪ ڪيتر ۾ سرڳواسي اَنيتا پياسي ۽ شري ڪمل پياسيءَ جي نامور جوڙي آهي جن ڪيترن جي رهبري ڪئي آهي جيڪا وساري نه سگهبي. شل پربوءَ جي چرنن ۾ رهي آسيس ڪندي رهي ۽ شري ڪمل پياسيءَ کي هن ڏک سهڻ جي شڪتي ڏي.   - **پوجراج اين. ڪيماڻي، ٿاڻي ويسٽ.**

پاپي اَنيتا

تون سيلاني - مان سيلاني


اگر ديش کان آيو آهين - سير ڪرڻ سنجائي،

سنسار ياتري گهر آهي

هڪڙا ايندا ٻيا ويندا- سفر سميه جو آهي.

مسافر دائما ڪونه رهندا آهن، تيئن سنسار ۾ ٻه لوڪ هميشهه لاءِ ڪونه رهندا آهن. جمڻ مرڻ جي ريت پراڻي آهي. منش چولي ۾ اَچي اِنسان سٺا ڪرم ڪري جيئن وڃڻ کان پوءِ پنهنجو نالو ڇڏي وڃي.

پائو پياسي هڪ برڪ ليکڪ، شاعر، ساهتڪار، ڪهاڻيڪار وغيره آهي ته پاپي اَنيتا ٻه هڪ سٺي ليکڪا هئي. هوءَ جيڪو ڪجهه لکندي هئي، اهو سوچي سمجهي، پنهنجي زندگيءَ جي اَنڀوَ مان لکندي هئي. گهڻو ڪري پاپي اَنيتا هر شاخ تي قلم هلايو آهي. پڇاڙي جي ڪجهه سالن کان سندس طبيعت ٺيڪ نه رهندي هن لکڻ ڪجهه گهٽايو. ناتو نياهڻ جو ڏانءُ ته ڪو اَنيتا پاپيءَ کان سکي! هڪ وار ناتو جوڙيائين ته ان کي توڙ تائين نياهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ڪاٿي ته خط پٽ لکڻ گهٽجي ويا آهن ته فون تي ڳالهائڻ ٿيندو هو. ٻه ٽي ڏينهن ٿيندا هئا ته گهر ۾ پڇندي، ”ڪانتا جو فون ته ڪونه آيو آهي.“



وسارڻ جي نہ آهي

(شردانجلي - اَنيتا ڪمل پياسي)

- وسري نہ ويندي - وسارڻ جي نہ آهي،
سندس ياد ماحول معطر بڻائي.

- نہ ويئي، نہ ويندي، رهي دل اندر جا،
سندس ياد ۾ روح ٿو گنگنائي.

- اَمر جوت هن جي، ڏيو پل نہ باريو،
چوندس ائين ٿي، اَچا هوءَ آهي.

- غزل گيت ۾ هن جو گوگاءُ بڌجي،
ڪيون سوچ هن جو جيئڻ هوءَ چوائي.

- زندگي هئي، چنڊ چڪور ٿياسين،
ويا سي هِتِ هُتِ دکن کي وڌائي.

- ڪئي دانهن ديوار اَلا اوچتو چو؟
شايد ٿو رَب ڪيس ٽڪڙو گهرائي.

- رهڻو هتي ڪوبہ قائم نہ آهي،
اِشاري ۾ شايد وئي هوءَ بڌائي.

(ڪيولراماڻي اَنيتا ڪمل پياسي-جنم ٢٧-٨-١٩٣١
مرڻيو-٢٢-١-٢٠١٢)

هڪ اديبا جو صحتمند سوچ

- ڪمل پياسي

اَڄ جڏهن هوءَ (اَنيتا ڪمل پياسي) ناهي ته عام طور اهو محسوس ڪيو ويو آهي ته هوءَ جڏهن هئي ته گهڻو ڪجهه هوندي به اهنڪاري اديبن ان طرف ڪو ڌيان ڪين ڏنو. عام طور اهو ڄاتو ٿي ويو ته ڄاڪاڻ ته هوءَ هڪ اديب جي پتني آهي ته هو ئي سندس پاران قلم هلائيندو هوندو، جيئن سج جي روشنائي چورائي چنڊ ٻڌجي، هوءَ پوءِ به بيپرواهه رهي اهو ويچاريندي هوءَ لکندي رهي، لکندي رهي، ايترو جو بعضي سندس پتيءَ کي به ڄاڻ نه پوندي هئي ته هن ڇا لکيو آهي ۽ ڪڏهن لکيو آهي. صرف اخبارن ۾ سندس رچنائون پڙهندي پڙهندي سندس پتي پاڻ کي فخرمند سمجهندو هو جو رچنا سندس پتنيءَ جي آهي.

ماءُ ٻڌجڻ کانپوءِ سندس موهه پنهنجي پٽ ۽ پٽ جي پيءُ لاءِ هڪ سريکيو ئي رهيو. پُٽ پڙهي، قابل ٿيو، اُها هن لاءِ فخر جي ڳالهه هئي. هو ٽيوٽر ٻڌجي ڪيس گهر ۾ پاڙهيندي هئي ۽ ان کان به وڌيڪ کيس گهڻو ڪجهه سيکاريندي هئي، جن ۾ وڏن لاءِ ادب، ننڍن لاءِ پيار، مترن لاءِ محبت، ويجهن لاءِ قرب، گروءَ لاءِ شردا ۽ گرباٽيءَ لاءِ عزت ۽ مانُ. پٽ کي پاڙهيندي هوءَ ڪڏهن به هن تي ڏمري ڪين هڪ ڏينهن جڏهن کيس هلڪي مات هنيائين ته پڪ اُتي کيس ڳراٽڙي پاتي، ته هن جي اکين ۾ آنسون ڏنائين. پٽ هيسائجي ويو ۽ سندس ڪڇ ۾ ڪٽي پنهنجو منهن لڪايائين. پٽ جي دل ۾ هاڻ سوکيم جذبو ڄاڳيو ۽ پوءِ ماءُ کي هرگهڙيءَ سک ئي ڏيندو رهيو ۽ بعضي ته کيس پاڪر به پائيندو هو. اگر ڪجهه ڏينهن لاءِ هوُ ماءُ سان گڏجي نه سگهندو هو ته هوءَ اَندر ئي اَندر ۾ کيس ياد ڪري هنجون هاريندي هئي، پر پنهنجي پٽ کي ڏسندي ئي هن ۾ بدلاءُ اَچي ويندو هو.

ساهتيه جي هر ڪرتيءَ ۾ هن پنهنجي پتيءَ کي ساٿ ڏنو. هندي پستڪ کيس پڙهي ٻڌائيندي هئي. سندس اڌورين لکيل رچنائن جا ڪاغذ ناهي هوءَ ٺانئڪي جڳهه تي رکندي هئي ۽ ان کان پوءِ هوءَ ڪجهه نه ڪجهه پيئي پڙهندي هئي. سندس پڙهڻ جي رفتار ته پنهنجي پتيءَ کان به تيز هئي. جيڪو ڪجهه پڙهندي هئي، ان تي سوچ به ڪندي هئي، ان طرح سندس اڪيلائيءَ جون

منهنجو اهو سوڀاڳيه چئجي جو سال ٢٠١١ نومبر مان به ٽي ڏينهن پنهنجي ننڍي ڀيڻ وٽ احمدآباد ويئي هئس ۽ ڀاڀي انيتا وٽ به. اها تاريخ ٢۴ ۽ ٢٥ نومبر تي ويس. هن سان گهارڻ لاءِ ڪي گهڙيون مس مليون. ڏاڍي سک ڏنائين. هن ۾ ڪوبه هٺ وڏائي ڪونه هو، ڏاڍي نماڻي ۽ نهٺي هئي. موڪل ئي نه پيئي ڏيئي مونکي. بندو بيوس آهي، هر ڪنهن کي پنهنجي اصلي گهر واپس ته هلڻو آهي. سائين در پرارٿنا آهي ته ڀاڀي انيتا کي پنهنجي ڪمل چرنن ۾ سکي رکي ۽ سديو سندس آتما کي شانتي بخشي- سائين رام.

- ڪانتا ايس. ايسراڻي، ڪار-ممبئي

انيتا جي ديهانت جو پڙهي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڀڳوان سندس آتما کي شانتيءَ جو دان بخشي.

انيتا جي بين ڪتابن جيان سندس هيءُ ڪتاب ”ناري نور جهان جو“ پريرڻادائڪ آهي. ساهتيه جي صف ۾ برابر پنهنجي اهم جڳهه والاريندو، اهڙي پڪ اٿم. ڪتاب جي گيٽ اپ ۽ ڪور پيج به نهايت دلڪش ۽ عنوان سان نهڪندڙ آهي. انيتا جي لکيل ”منهنجي ساهتيه ڪريا“ تمام سٺي نموني پيش ٿيل آهي. سندس جيون جي سچي ڄاڻ پوي ٿي.

- لال هوٿچنداڻي ’لاچار‘، گانڌيڌام.

”سنڌي گلستان“ ۾ اسان جي ڀاڀي انيتا جي پرلوڪ پڌارجڻ جي دکدائڪ خبر پڙهيم ته دل روئي ڏنو ۽ ڪلهوڪي ڊاڪ (٢٥-٢-٢٠١٢) ۾ ئي توهان طرفان موڪليل سندس ڪتاب ”ناري نور جهان جو“ به مليو، اندرئين پني تي سندس ٢٢ جنوريءَ تي سرڳواس ٿيڻ جي ڄاڻ ڇپيل هئي.

مونکي ياد ٿو اچي ته ٻارهن سال اڳ احمدآباد ۾ ڪنهن سيمينار ۾ اچڻ ٿيو هو، گانڌينگر ۾، سوامي نارائڻ مندر جو درشن سان گڏوگڏ توهان سان روئي به کاڌي هئي. سچو نظارو اکين اڳيان پيو تري. ايشور جي هن اِڇا اڳيان اسين سڀ بيوس آهيون.

- جهمون ڇٻاڻي، ٻئراڳڙهه-ڀوپال

دادي انيتا پارکو هئي. ايشور سندس نرمل آتما کي پنهنجن ڪمل چرنن ۾ جاءِ ڏيندو ۽ توهان سڀني کي دک سهڻ جي شڪتي ڏيندو.

- پورڻ جيٺواڻي، گوريگانءُ-ممبئي

دادي انيتا مون کي ۽ شريمتي ڪنتيءَ کي برابر ياد آهي. هن جو بمبئيءَ جو ساٿ به ياد آهي، ڪتاب پڙهندي هن ئي اول ورجايو، توهان ڪتاب موڪلي سٺو ڪيو.

- نامديو تاراچنداڻي، بڙودا

شري ايسرسنگهہ بيدي : اجمير مان لکي ٿو تہ ڪتاب ”ناري نور جهان جو“ پهنل آهي. ڪتاب نہ رڳو دلڪش، سنو سهڻو لڳو، گڏوگڏ پاپي اَنيتا جو شاديءَ کان اَول جو روپ ۽ سندس باري ۾ توهان جي لکيل ڪويتا پڙهي من ۾ ڪيترا ئي ڀاوَ جاڳرت ٿيا. تازو سندس سرڳواس ٿيڻ تي اعزاپرسيءَ جو خط بروقت لکيو هوم. استري-ناري بابت هڪ هڪ اسم تي اَنيتا باريڪيءَ سان سٺي اَپياس جي چنڊڇاڻ ڪئي آهي. هڪ هڪ اکر پڙهڻ جهڙو مواد آهي. سچ پچ اَپياس جوڳو آهي. انت شاباس اَٿس تہ ناري ديوي شڪتي آهي، جنهن کي عزت ۽ آدر جي نگاهہ سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. ”ناري نور جهان جو“ آهي. ڪتاب جو اهو نالو پهرين عجيب لڳو. ليڪن اَپياس بعد بلڪل نهڪندڙ موافق لڳو. ١٤-٣-٢٠١٢.

شري هولارام هسيجا-بمبئي ڪتاب جي تاثرات ڏيڻ ئي بهتر آهي.

”ناري نور جهان جو“

- هولارام هنس

تاثرات

اڄ منهنجي سامهون آهي ناري/اِستري جي مهما تي هڪ ڪتاب جنهن جو ليکڪ پڻ آهي هڪ ناري.... اَنيتا ڪمل پياسي. سنڌي اَدب ۾ ڪلا ۽ موتي پرڪاش، مايا ۽ ڪرشڻ راهي، سندري ۽ اُتم، اندرا ۽ هريش واسواڻي.... جوڙي ليکڪ ڪري مڃيا وڃن ٿا ۽ ساڳئي نموني ۾ انيتا ۽ ڪمل پياسي پڻ هڪ عمدن بن اديبن جي جوڙي آهي، هن فنڪارا، هن ڪتاب ۾ پوپٽي هيراننداڻي، تامل ڀاشا جي پيرسن ڪويتري اوئيار ناري شِوَ جي شڪتي ۽ ديوي پوڄا جا مثال ڏيئي ناريءَ جي مهما تي لکيو آهي. ناريءَ تي ڪي منووگيانڪ ليکہ پڻ هن اديبا پيش ڪيا آهن. اسان جي پڙهڻ لاءِ، جي هر ناريءَ کي پڙهڻ کپن.

مطلب تہ ناري جيون، سياڻ ۽ ناريءَ جي هر رنگہ، اُمنگہ، ترنگہ.... ڇا اِستري سلامت آهي؟ سنبنڌ اِستري پرش جو، ساهرن سان سرچاڻ، طلاق، ناريءَ جي پدوي، اِسترين کي اڳتي وڌڻ ڏيو، ڏاڏيءَ جي پرارٿنا، پتني، پتي ۽ پيار، اِستريءَ کي گهرجي ساراهہ، اِستري ۽ اِنتظار. اهڙن انيڪ وشين کي ڪٽي هن ناري ليکڪا، ناريءَ جي هر پهلوءَ کي پيش ڪيو آهي، پرکيو آهي، پڇانيو آهي، ڀاتو آهي ۽ آهي جاتو. مطلب تہ هي گهري اَپياس ۽ اَنڀو جو ڦل آهي!

سنڌي ساهتيہ جي سهڻي سرجڻهارا پروفيسر پوپٽي هيرانندانيءَ کي هن

گهڙيون وندر پريون هونديون هيون. شروعاتي دؤر ۾ هوءَ بہ ڪن اخبارن جي ڪالمست بہ بڻي. هن پوءِ پنهنجين انهن رچنائن کي سنواري سڏاري بيهر ڪتابي صورت ۾ آندو، جنهن جو عنوان بڻيو، ''اِستري درشن''. هيءُ ڪتاب سداحيات شري هري موٽواڻيءَ جي سهڪار سان شايع ٿيو. هيءُ سندس پهريون سنڌي ڪتاب هو ۽ پهرين سنڌي اِستري اديبا هئي جنهن کي انترراشٽريہ انعام UNESCO پاران مليو. ان سمي ۾ سنڌي ساهتيڪارن جي هڪ بئي تي چڙهت ڪارڻ، سڄاڳہ ساهتڪار ليکڪا جي هن ڪتاب ڏانهن نہ جهڙو ڌيان ڏنو. البت هڪ انگريزي هفتيوار اخبار FAMINA وارن سندن گهر (بئنگلور ۾) ۾ روبرو اَچي ملاقات ورتي ۽ پوءِ اهو احوال هنن پنهنجيءَ اخبار ۾ شايع ڪيو.

سنڌس من جي اِڇا هوندي هئي تہ ڪيس پنهنجو گهر هجي، سنڌس پٽ سنڌس اِها اِڇا پوري ڪئي ۽ هڪ جي بدران سنڌس بہ گهر ٺهي ويا. هڪ سنڌس نالي ۽ ٻيو سنڌس پٽ نالي. سنڌس پٽ جي شادي ٿي ۽ هوءَ پنهنجي پوٽيءَ کي هنج ۾ کڻي لوڏائيندي ڪوڏائيندي هئي. هيءُ ننڍڙو پريوار سکي پريوار بڻيو.

سنڌس پتيءَ جي نوڪري هئي هلچل ۽ جنبش واري. هو اڪثر گهڻو وقت ٻ شٽ ۾ رهندو هو. ان ڪري سنڌس گهڻو وقت پتيءَ جي گهر موٽڻ جي انتظار ۾ گذرندو هو. ان وقت سنڌس پٽ پيو ڪيس وندرائيندو هو.

سنڌس پتي جڏهن نوڪريءَ مان فارغ ٿيو، تيسين سنڌس اِڇائون لڳ ڀڳ پوريون ٿي چڪيون هيون، جنهن ڪري هن وري قلم هٿ ۾ کنيو ۽ لکندي رهي. سنڌس رچنائون اخبارن ۾ شايع ٿينديون هيون، پر هر اخبار جي سمپادڪ جا اصول ۽ نيتي الڳ هئڻ ڪري ڪي اڻڇپيل رچنائون ڪيس واپس ڪين ملنديون هيون، پوءِ بہ هوءَ سانت رهي، ڇپيل رچنائون اخبارن مان ڪٽي ڌائنڪيون ڪري رکندي هئي، جن آخر ۾ ڪتاب جو روپ ورتو. جنهن جو عنوان ٿيو **''ناري نور جهان جو''** سنڌس هيءُ ڪتاب پريس ۾ هو جو سنڌس ديهانت ٿيو، ٢٢-١-٢٠١٢ صبوح جو ٤٠-١١ ڪلاڪ بجي ۽ ڪتاب ڇپجي گهر ۾ آيو ٻن ڏينهن ڪان پوءِ. ڪتاب ڏسندي ئي سنڌس پتيءَ جي احساس کي جهٽڪو آيو، اهو سوچيندي تہ اگر هيءُ ڪتاب، جنهن لاءِ هن ڪافي جاکوڙ ڪئي، جي ڏسي نہ سگهي ها تہ ان کي ڇهي تہ سگهي ها. گهر جي سيني ڀاتين کي دک تہ ڏاڍو ٿيو. ان ئي ڏينهن ڪتاب جي پهرين ڪاپي برهمڻ کي ڀيٽ ڪري پوءِ ٻين ۾ ورهايو ويو، جن کي سنڌي ايندي هئي، ان کانپوءِ ڪتاب ٻاهر وارن کي موڪليو ويو. ڪتاب جي سني ساک نڪتي اهي، مثال طور بہ ثابتيون پيش آهن.

Off : 21201
Resi : 20526

سنڌي پنچايت، گانڌينگر

SINDHI PANCHAYAT, GANDHINAGAR

Registered under: (1) Trust Act. No. F-108 / Gandhinagar, dated 22-5-89
(2) Society Act. 1860 No. Guj?137?Gandhinagar dt. 22-5-89

Plot No. 234 - A, Sector 20, GANDHINAGAR - 382020.

Dated 19

MERIT CERTIFICATE

This Certificate is awarded to Smt. ANITA KAMAL PYASI (KEWALRAMANI) who secured FIRST position in Gujarat Sindhi Sahitya Acadamy for her publication "NARI JEEWAN GULSHAN GULSHAN" in the year 1992.

President.
(LALCHAND C. GOPALANI)

Secretary.
(A. B. KHATRI)

قلمڪارا.... ’’مرد اِستري ساهتيڪارا‘‘ سڏيو آهي.... هن سرجڻهارا لاءِ، انيتا، نہ صرف موتي پويا آهن پر موتي پڪيڙيا بہ آهن. پوپٽيءَ، سنڌي ساهت، سماج ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ هن کي مشهور ’’هندواسيءَ‘‘ ڪيو منهنجي خيال موجب. پوپٽيءَ جهڙي بيباڪ اديبا ٿي ائين لکي سگهندي...

دُن هيئان/هيءَ دبلي آهي/ننڍي آ اصلي آهي/آهي عورت جو هيءُ/اُهو انگہ/ يا اِنسان جي آمد جو ازلي لنگهہُ.‘‘

هن قلمڪارا جو ’’پوپٽيءَ تي‘‘ ۽ ٻين نارين تي لکيل ليکہ هرْ سنڌي اديبا کي پڙهڻ کپن... منهنجي خيال موجب.

عمدو ڪور، سني ڇپائي، گهاگهر ۾ ساگر، هن ڪتاب جا گڻ آهن.

• •

تنهنجو وڇوڙو ڏاڍو جهوريندڙ آهي. يادگيريون دل جي تنهائيءَ ۾ رهنديون سي نہ وسرنديون. تون اڪيلو ٿيو هوندين... سنڌي ساهت جڳت هڪ ليکڪا وڃائي آهي. اوهان تہ ڪيس وڃائي ويٺا آهيو.

- ڪلا ۽ موتي پرڪاش

ڀيڻ اَنيتا جي اوچتي چالاڻي جو پڙهي سخت افسوس ٿيم. ايشور شل سندس آتما کي شانتي بخشي. مان توهانجي پريوار جي دکہ ۾ شامل آهيان!

لڇمڻ هردواڻي (پُٽي)

Om Sai Ram



Om Sai Ram

राष्ट्रीय सिंधी भाषा विकास परिषद
(एन.सी.पी.एस.एल.) भारत सरकार,
मानव संसाधन विकास मंत्रालय,
(शिक्षा विभाग) द्वारा स्थापित

راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد
(اين-سي-پي-ايس-ايل-) ڀارت سرڪار،
مانو سنسادن وڪاس وزارت،
تعليمي کاتي جي خودمختيار سنسٿا (بڙودا).

National Council for Promotion of Sindhi Language
Govt. of India
Min. HRD
Dept. of
Education

NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION OF SINDHI LANGUAGE (NCPSL)

(ESTABLISHED BY GOVT OF INDIA. MIN OF HUMAN RESOURCE DEVELOPMENT. DEPT OF EDUCATION)

सिंधी लेखकों को पुरस्कार 1998

AWARD TO SINDHI WRITERS

यह प्रशस्ति पत्र श्रीमती अनीता केवलरामानी को सिंधी भाषा में लिखित उनकी कृति ''हिक नई शुरुआत'' पर रु. 15000/- (रुपये पंद्रह हज़ार मात्र) के पुरस्कार सहित सिंधी भाषा में उनके साहित्यिक योगदान के उपलक्ष्य में सहर्ष सम्मानार्थ प्रदान किया जाता है।

THIS CERTIFICATE OF MERIT IS AWARDED WITH PLEASURE TO Mrs. ANITA KEWALRAMANI ON HIS/ HER LITERARY WORK IN SINDHI, TITLED "HIK NAI SHRUYAAT" ALONGWITH A PRIZE OF Rs. 15000/- (RUPEES FIFTEEN THOUSAND ONLY) IN RECOGNITION OF HIS / HER LITERARY CONTRIBUTION TO SINDHI LANGUAGE AND LITERATURE.

स्थान PLACE MUMBAI

दिनांक DATED 18-11-2000

CHAIRMAN
NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION OF SINDHI LANGUAGE
& MINISTER OF HUMAN RESOURCE DEVELOPMENT.
GOVT. OF INDIA

सत्यमेव जयते

Government of India
Ministry of Education

This is to certify that ~~Shri~~/Shrimati/~~Kumari~~ ANITA KAMAL PYASI won the ~~Government of India~~/Unesco Prize for ~~his~~/her book/~~manuscript~~ entitled Istree Darshan in Sindhi in the V Competition for ~~Neo-literates~~/New Reading Public, held by the Ministry of Education, during the Year 1967.

SERIAL NO. 13

NEW DELHI-1, THE .... 196 .

JOINT EDUCATIONAL ADVISER
GOVERNMENT OF INDIA

My Caring Mom

Who says she is no more... I surely feel that she is with me and our family members. She resides in our heart, in our emotions and in our day-to-day deeds. She is unforgettable today, tomorrow, everyday and always.

She had immense love for me and everybody. When as a kid in her lap, she will have her arms as cradle for me and shower kisses on me. I vividly remember the first day of my school in Ahmedabad, when she waited outside my classroom and during the break when I came out of the class, as soon as I saw her I ran to her and started crying. She fondly embraced me and that is what made me fearless to face the world for the rest of my life till day.

My dad, being on responsible position in the Government Services, was always busy, but my mom was always available whenever I needed her and that, I feel would remain my favorite period of my life.

When adult, she always took care of my needs, to the minutest details. She would visit my engineering college hostel and enquire about my needs & well being and also that of my roommates. This would sometimes annoy me as a young impatient boy but now as I look back and as a father of a daughter who is ready to step out in the world, I recognize this as her affection and concern for me.

When I got my first job assignment in a Private Construction company, it was my pleasure to see her face brighten up watching me supervising a team, when she came visiting to my work site. I remember, I whenever feeling low and down, the first thing that I would think of was heading back home, even at odd hours sometimes, only to find her affectionately serving me my favorites.

Though, I generally addressed her as 'Mummy', I now look upon her as a goddess, who had a significant contribution in shaping me as a successful man I am today. It is only due to her blessings, I have been able to get respectable job assignment, comfortable dwellings, understanding life partner and a lovely daughter, whom she always fondly called her 'Guddu'.

For all these forty one years of my age, I was showered blessings by her physical presence in my life till she took up journey to the Heaven above. I still feel her Godly and care taking affection in my life even today.

As a responsible son, I tried to serve her to the best of my efforts, deeds and actions during her life time. I was on her bed side during the last six weeks of her life on earth, when she was paralyzed due to a stroke. Though she could not talk she would hold my hand sometimes so firmly that I would never forget that sense of affection for the rest of my life.

Even today, I can say she remains with me in her Godly form to guide me and my family.

May GOD rest her soul in peace. I bow to her.

- Lalit Kewalramani

DECEMBER 13, 1968

the woman's world



Anita Kewalramani
prize winning book

femina

WRITER

ANITA KEWALRAMANI is the author of the prize-wining Sindhi book 'Stree Darshan. Entering the UNISCO competition of books for the new reading public, Anita was pleasantly surprised when her book, dealing with the problems of Indian Women, won a prize.

Besides writing, good-looking Anita loves cooking, metculous housekeeper and expert knitter. Soft-spoken and gentle, she would like to social conditions in the country and feels distressed when she squalour around her. Anita has recently made a special study of the problems of labour class women and is planning to write another book soon.

Born in the beautiful town of Loralai in Baluchistan, Anita is married to a well known poet and journalist, who, she says, inspired her to take to writting.

My Dadi - The Grand Mother

How sweet, how lovely was my Dadi. Her love for everyone was equally for our family or for any visitor. Her love was immeasurable. She never called me by my real name but would always call me 'Guddu' (a lovely joy). I know she loved me immensely.

Whenever I would go out on tours with my school mates, I made it point to bring something for her. This was something, I had noticed, would bring her utter joy. She would happily accept it and embrace me. She, I now recognize, coaxed me to talk in Sindhi - our mother tongue. She always would, through anecdotes and examples, try to implant virtues of respecting the elders, praying daily and facing the realities of a girl's life. She would take me to the 'Mandir' in our house and make me bow before 'Guru Granth Sahib' and said that this way I would get strength and courage to excel in my life.

I always yearned for the 'sheera' (Indian sweet dish) and would give away anything to have it from her. I would not only finish up my share but sometimes no one else in my family would get to savor it. She said, she liked to watch me enjoying it and the joy that it brought on my face.

Fortunately, but unfortunately enough, I was the last person in my family with whom she interacted on the morning she suffered the stroke which she could not recover from. I was on tour to Gir Forests with my school mates and destined to return back later on the same day. She insist on talking to me and ask my dad to call me on my hotel phone. She asked me when I would be back and said take care and come soon. Those were her last words before she took to bed for a prolonged duration. On my return, all I could do is to hold her hands and she responded by holding them even firmly, as if saying she was happy to have me back.

She, although not physically would always remain with me in my memories and guide me in my actions as I steps out to face the challenges of the world ahead.

Chitra Kewalramani... My Dadi's GUDOO